Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

www.dailysindhyar.com

NTN 4129440-8

ڪراچي

جلد: 11 | جمعو 07 جولاءِ 2023ع بمطابق 18 ذوالحج 1444هـ | شمارو: 258 | قيمت 10 روپيا

چيف جسٽس جي خيال ۾ اسٽيبلشمينٽ کي پي ٽي آءِ چيئرمين جي طاقت جو اندازو ناهي: جسٽس عمر عطا بنديال

منهنجي لاءِ چيو وڃي ٿو ته منافق آهيان، آيتون پڙهي سياست ڪري رهيو آهيان، مون کي ياست جي ڪابه ڄاڻ نه آهي، عدالت ۾ صرف 7 جج سياست ڪري رهيا آهن

مون جيڪي فيصلا لکي ڇڏيا آهن انهن جو حڪومت کي اندازو ئي نه آهي، جڏهن فيصلا ٻڌايا ويندا، تڏهن حڪومت جون اکيون کلي ويندیون

جسٽس منصور علي شاهه منافق آهي، پنهنجي چيمبر ۾ جسٽس اطهر من الله سان گڏ فيصلو ويٺي لکيو ته جسٽس منصور علي شاهه آيو ته وڏڪاري مهم شروع ٿيا ڪيون

ڪنهي گم ڪرڻ اسٽيبلشمينٽ جي واردات جو طريقو آهي، هاڻي چيو اٿن ته عمران رياض کي ڳولهيون پيا ڏسجو ته جلد بازياب ٿي اينڊو

جسٽس محسن اختر ڪياني سان ڏسوچا ٿيو مون جسٽس ڪياني کي چيو ته تون منهنجو شير آهين، ڇمي بيهي مقابلو ڪريو

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو آهي ته عمران خان بهادر ليڊر آهي، ان جي طاقت جو اسٽيبلشمينٽ کي اندازو ئي نه آهي، هن کي اڪيلو ڪري جهڪائي نٿو سگهجي پي ٽي آءِ جي وي لاگرس سان گڏ لهائيندي چيف جسٽس وڌيڪ چيو ته منهنجي لاءِ چيو وڃي ٿو ته منافق آهيان، آيتون پڙهي سياست ڪري رهيو آهيان، جڏهن ته مون کي ياست جي ڪابه ڄاڻ نه آهي، عدالت ۾ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: سويڊن ۾ قرآن شريف جي بحرمتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

تيز برسات ۽ آنڌاري جي اڳڪٿي سبب سول ايوئيشن اٿارٽي هنگامي قدم کڻڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي تيز برسات ۽ آنڌاري جي اڳڪٿي سبب سول ايوئيشن اٿارٽي هنگامي قدم کڻڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ڪراچي ۾ برسات دوران 60 ڪلوميٽر ۽ ان کان وڌيڪ تيز هوائون گهلڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي جنهن کان پوءِ سول ايوئيشن اٿارٽي جي ايئرسائيڊ شعبي لاءِ اپيل ادارن کي الرٽ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 07

سوئيڊن جهڙي ناقابل برداشت حرڪت ٻيهر ٿي ته اسان کي نه چئجو: شهباز شريف

ڪميٽي سڄي دنيا جي فورمز ۾ سفارشون پهچائي، اسان سيني مذهبن جو احترام ڪيون ٿا پر اسلامو فوبيا ۽ اسلام خلاف باهه وڏندي پئي وڃي

سوئيڊن واقعي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي، ان واقعي تي اربين مسلمانن جي دل آزاري ٿي، واقعو مسلمانن ۽ عيسائين کي وڙهائڻ جي سازش آهي

هڪ ملعون کي پوليس جي موجودگي ۾ ناپاڪ حرڪت ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي، سوئيڊن جي حڪومت اهڙو واقعو ڇو ٿيڻ ڏنو: مسلم ليگ ن جو صدر

سڄي دنيا کي ٻڌايو وڃي ته ان کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿا ڪري سگهون، نيوزيلينڊ جي اڳوڻي وزيراعظم مسلمانن سان پاڪ پاتا ۽ ڪين پريور تحفظ ڏنو

جيسنڊا آرڊن جي قدمن کي مسلم دنيا سدائين ياد رکندي، مان هن معاملي تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان رابطي جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڀيرو ٻيهر سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي واقعي جي ڀرپور لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته اهڙي ناقابل برداشت حرڪت ٻيهر ٿي ته پو اسان کي نه چونڊا پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته سوئيڊن ۾ ناپاڪ حرڪت جي ڀرپور قوت سان مذمت ڪندا سين، سوئيڊن واقعي خلاف اثرائتي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي اسمبليءَ ۾ خطاب ڪندي

قرآن پاڪ جي بيحرمتي: پارليامينٽ جو اهم قدم، ٺهراءُ پاس

ٺهراءَ ۾ سوئيڊن سرڪار کان واقعي ۾ ملوث شخص خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ پارلياماني معاملن جي وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد مذمتي ٺهراءُ پيش ڪيو

هي ايوان سوئيڊن واقعي سوڌو مقدس ڪتابن، شاعرين ۽ شخصيتن جي توهين جي مذمت ڪري ٿو

اسلام آباد (بيورو) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سوئيڊن واقعي خلاف مذمتي ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو آهي گڏيل پارليامينٽ جي اجلاس دوران پيش ڪيل ٺهراءُ ڪي اتفاق راءِ سان پاس ڪيو ويو. جنهن ۾ سوئيڊن سرڪار کان واقعي ۾ ملوث شخص خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ پارلياماني معاملن جي وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد مذمتي ٺهراءُ پيش ڪيو. جنهن ڪي ايوان اڪثريتي راءِ سان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد (بيورو) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سوئيڊن واقعي خلاف مذمتي ٺهراءُ اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو آهي گڏيل پارليامينٽ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 17

خانپور 2 ڏينهن پهريون ڳڙهي تيغو جي علاقي ڏڪ بند وٽان اغوا ٿي ويل پوليس اهلڪار بازياب

خانپور (رپورٽ: عتيق اڀڙو) خانپور جو امن امان بحال ته ٿيو روڊ رستا ڏوهارين حوالي هڪ ڏينهن ۾ خانپور جي علاقي ۾ 3 واردات ون /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 31

ٽائيٽينڪ کان 5 ڀيرا وڏو سامونڊي جهاز تيار ٿي ويو

اسلام آباد (بيورو) دنيا جو سڀ کان وڏو مسافر بردار سامونڊي جهاز هاڻ مڪمل ٿي چڪو آهي جيڪو 5610 مسافرن کي ڌڳي سفر تي کڻي وڃي سگهي ٿو. اهو جهاز هاڻ تيار ٿي چڪو آهي جيڪو ٽائيٽينڪ کان به 5 ڀيرا وڏو 7 دنيا جو سڀ کان وڏو ڪروز شپ به آهي. ان کي "آئڪن آف دي سيس" جو نالو ڏنو ويو آهي جنهن کي ڪليل سمنڊ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 08

بي آر ٽي رٿا سان ڪراچي جي لڪين ماڻهن جو فائدو ٿيندو: شرجيل ميمڻ

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ريڊ لائن بي آر ٽي پروجيڪٽ بابت اجلاس ۾ ريڊ لائين بي آر ٽي پروجيڪٽ ۾ اڳيائي ۽ درپيش مسئلن تي خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اجلاس ۾ ريڊ لائن بي آر ٽي پروجيڪٽ لاءِ ڪراچي ۾ ٽينڪ چوڪ کان صفوران چورنگي تائين انڊر پاس جي اڏاڻي ڪرڻ ۾ اڳيائي تي به ڳالهيون ڪيون ويون: ذريعا

بي آر ٽي رٿا سان ڪراچي جي لڪين ماڻهن جو فائدو ٿيندو، بي ريڊ لائن بي آر ٽي پروجيڪٽ کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز جي ڪاوش جي ضرورت آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين 9 مئي سانحي جي وڏيڪ 2 ڪيسن ۾ نامزد

ٻئي طرف گوجرانوالا ۾ پوليس پي ٽي آءِ چيئرمين کي قتل ۽ دهشتگردي جي ڪيس ۾ نامزد ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين کي ضمني بيان ۾ قلم 109 جي تحت جوابدار نامزد ڪيو ويو: پوليس

فيصل آباد (م ڊ) فيصل آباد ۽ گوجرانوالا پوليس تحريڪ انصاف چيئرمين کي 9 مئي سانحي جي وڏيڪ ٻن ڪيسن ۾ نامزد ڪري ڇڏيو آهي فيصل آباد پوليس 9 مئي تي حساس اداري جي آفيس ۽ وفاقي گهرو وزير جي گهر مٿان. /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 21

توهين ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳالهه گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن توهين واري ڪيس ۾ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳالهه گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ 5 رڪني ڪميشن فواد چوڌري خلاف توهين واري ڪيس جي ٻڌڻي هلائي فواد چوڌري جي معاون وڪيل ٻڌڻيءَ جي التوا جي درخواست ڪئي. وڪيل موقف اختيار ڪيو ته هاءِ ڪورٽ مان /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 27

ميڪسيڪو ۾ بس سان حادثو، 29 ڄڻا اُجل جو شڪار

بس تيز رفتاري سبب ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪاهي ۾ ڪري: پرڏيهي ميڊيا

زخمين ۽ لاشن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، فوٽيگين ۾ واڌ جو خدشو آهي

اسلام آباد (م ڊ آ) ميڪسيڪو ۾ بس ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ جي نتيجي ۾ 29 جڻ اجل جو شڪار ٿي ويا پرڏيهي خابرو اداري موجب حادثو ميڪسيڪو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 15

پ پ بنا ڪنهن فرق جي عوام جي خدمت ۾ يقين رکندي آهي: گيان چند ايسراڻي

سنڌ نان مسلم ريلئيز ڪميٽي ۾ اقليتي برادري جي معاملن تي نيملا ڪيا ويندا آهن جنهن ۾ هندو، شاهه برادرين کي ڀرپور نمائندگي ڏني وئي آهي

سنڌ نان مسلم ريلئيز ڪميٽي ڪيترن ئي ترقياتي اسڪيمن جي منظوري ڏني آهي، جنهن ۾ بهتري جون اسڪيمون شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي تعلقه هالا ضلعي مٽياري پٽ شاهه گردوار گرونانڪ ۾ فائيربريگيڊ جي لڳائڻ ۽ ٻين ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪري ڇڏيو هي اسڪيم اقليتي معاملن کاتي مڪمل ڪئي آهي. سادو افتتاحي تقريب ۾ ماڻهن جي وڏي اتڪ صوبائي وزير جو شاندار استقبال ڪيو ۽ سنڌ جي روايتي اجرڪ پاريو. ان موقعي تي صوبائي وزير اقليتي معاملن گيانچند ايسراڻي پاڪستان پيپلز پارٽي بنا ڪنهن فرق جي عوام جي خدمت ۾ يقين رکندي آهي. چيئرمين/بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 32

فريال تالپر بلقيس ملڪ جي گهر پهتي، پوئرن سان تعزيت

مرحومه شهيد پٽو جي فرمائش تي پرڏيهه مان لاڙڪاڻي اچي آباد ٿي هئي: فريال

ڊاڪٽر بلقيس ملڪ جي گهر پهچي تعزيت ڪئي. فريال تالپر مرحومه ڊاڪٽر بلقيس ملڪ جي لاءِ فاتحه خواني ڪئي. فريال تالپر مرحومه ڊاڪٽر بلقيس ملڪ کي خراج تحسين ڪندي چيو ته /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ اسمبلي جي ميمبر فريال تالپر لاڙڪاڻي شهر ۾ مرحوم ڊاڪٽر بلقيس ملڪ جي گهر پهچي تعزيت ڪئي. فريال تالپر مرحومه ڊاڪٽر بلقيس ملڪ جي ڌيءَ هئي. هن سمجهه ۾ همڪاري ڪندي رهندي

گورنر اسٽيٽ بينڪ جو بيان افسوسناڪ، سپريم ڪورٽ جي حڪمن جي خلاف ورزي آهي: محمد حسين محنتي

نه رڳو بينڪن جي نظام بلڪ سموري ملڪي معاشي نظام کي اسلامي اصولن تحت رواج کان پاڪ ڪيو وڃي

بجلي جي قيمت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري عوام جي ڪيسن مٿان 23 ارب روپين جو بار وجهڻ سراسر ظلم آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي اسٽيٽ بينڪ جي ڪورنر جي بيان "شرعي اصولن کي بينڪاري نظام تي زبردستي لاڳو نٿو ڪري سگهجي" تي سخت افسوس جو اظهار ان ڪي عدالتي حڪم جي خلاف ورزي قرار ڏيندي چيو آهي ته عدالت زبردستي نه بلڪ پورا پنج سال جي مدت ۾ حڪمت منصوبابندي ۽ طريقه ڪار طي ڪري ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي ته جئين سسٽم به هلندو رهي ۽ بينڪاري نظام مان رواج واري نظام جو خاتمو ٿي سگهي. پر حڪومتي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 05

پي ڊي ايم حڪومت پاڪستان جا سالياڻو قرض وٺڻ جا سمورا رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن: حماد اظهر

11 مهينن ۾ پاڪستان جي پوڻيهي قرضن ۾ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. 75 سالن جي تاريخ ۾ قرضن ۾ 70 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي

صرف 11 مهينن ۾ 30 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي هن چيو ته 11 مهينن ۾ پاڪستان جي اندروني ۽ بيروني قرضن ۾ 23 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻ حماد اظهر چيو آهي ته پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) حڪومت پاڪستان جا سالياڻو قرض وٺڻ جا سمورا رڪارڊ توڙي ڇڏيا آهن. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ اڳوڻي ناٿي واري وزير چيو ته 11 مهينن ۾ پاڪستان جي پرڏيهي قرضن ۾ 30 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. حماد اظهر چيو ته 75 سالن جي تاريخ ۾ قرضن ۾ 70 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي ۽ صرف 11 مهينن ۾ 30 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. هن چيو ته /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 24

اڳوڻو صدر آصف علي زرداري گڙهي خدا بخش پهتو

هارين کي ڪپهه جي وفاقي حڪومت جي مقرر ڪيل قيمت 8500 روپيا نه پئي ڏني وڃي، هارين کي انهن جو پورو حق ملڻ گهرجي: اڳوڻو صدر

وفاقي حڪومت هارين کي ڪپهه جو اعلاڻيل اڳهه ڏيارڻ لاءِ قدم کڻي، هارين جي مايوسي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن: آصف علي زرداري

صوبائي حڪومتون به هارين کي پنهنجو پورو حق ڏيارڻ ۾ ڪردار ادا ڪن، ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت کي خاص هدايتون ڏيان ٿو

ڪراچي (رپورٽر) هارين کي ڪپهه جو وفاق جو اعلاڻيل اڳهه نه ملڻ تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري گڏتيءَ جو اظهار ڪيو آهي. هڪ بيان ۾ آصف علي زرداري چيو ته هارين کي ڪپهه جي وفاقي حڪومت جي مقرر ڪيل قيمت 8500 روپيا /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 06

نئون ديرو: اڳوڻو صدر آصف علي زرداري گڙهي خدا بخش پهتو. مزار تي دعا گهرندي

مولانا اسدالله ٻٽو پاران سردار منظور پنهور جي وفات تي سندس ڀٽن سان تعزيت

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي جي مرڪزي نائب امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ٻٽو صوبائي وزير ۽ قبيلائي سردار مير منظور علي خان پنهور جي وفات تي سندس رهائش گاهه پنهور هائوس جيڪب آباد ٻهچي ڪري سندس فرزند اڳوڻي رڪن صوبائي اسمبلي مير اورنگزيب پنهور ۽ مير چنگيز خان سان تعزيت. مرحوم /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 29

ملڪ ۾ برساتن دوران فوت ٿي ويلن جو انگ وڌي 21 ٿي ويو، ڪيترائي زخمي

لاهور سميت پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ گذريل ڏينهن کان جاري طوفاني برسات سبب اهم روڊ سمنڊ جو منظر پيش ڪري رهيا آهن: ريسڪيو اختيارين

ڪاموڪي ۾ عبدالله روڊ تي برسات سبب زبون حال گهر جي ڇت ڪرڻ سبب هڪ ئي خاندان جا 8 ڄڻا ڊبجي ويا، پاڙي وارن ملبي مان ماءُ ۽ 2 ٻارڙين جا لاش ڪڍي ورتا

فوت ٿي ويلن ۾ 2 درهين جي فاطمه ۽ 13 درهين جي مريم جڏهن ته 50 درهين جي حاجره شامل آهن. لاهور جي علائقي مزنگ اسپتال جي پٽ برسات سبب ڪري پئي

لاهور (م ڊ) سڄي ملڪ ۾ ٽينڊڙ برساتن سبب مختلف حادثن ۾ ٻارن، عورتن سميت وڌيڪ 9 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. تازين برساتن دوران ٻن ڏينهن دوران فوت ٿي ويلن جو انگ وڌي 21 ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪيترائي زخمي آهن. تفصيل موجب لاهور سميت پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ گذريل ڏينهن کان جاري طوفاني برسات سبب اهم روڊ سمنڊ جو منظر پيش /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 12

پ پ اڳواڻ مولا بخش چانڊيو جي پوٽي سوئمنگ پول ۾ ٻڏي فوت

افسوسناڪ واقعو حيدرآباد ۾ مولا بخش چانڊيو جي پٽ مهراڻ چانڊيو جي رهائشگاهه تي پيش آيو

ٻارڙي کي اسپتال پهچايو ويو، جتي ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي: ذريعا

حيدرآباد (رپورٽر) پ پ اڳواڻ مولا بخش چانڊيو جي ٻن ورهين جي پوٽي سوئمنگ پول ۾ ٻڏي فوت ٿي وئي افسوسناڪ واقعو حيدرآباد /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 19

9 ورهين جي ٻارڙي سان زيادتي ڪندڙ جوابدار کي عمر قيد جي سزا

28 ورهين جو جوابدار گرسن فيونٽيس 9 ورهين جي ٻارڙي کي زيادتي جو نشانو بڻايو هو

نتيجي ۾ هو ڳوڙهاري ٿي وئي هئي جڏهن ته متاثر ٻارڙي ٻي رياست مان ابارشن ڪرايو هو

اسلام آباد (بيورو) 9 ورهين جي ٻارڙيءَ کي زيادتي جو نشانو بڻائيندڙ شخص کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب 28 ورهين /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر اينڊ سيوريج بورڊ بيرسٽر مرتضيٰ وهاب واٽر بورڊ جي مرڪزي آفيس آڏو پهچڻ ڪانپوءِ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائي رهيو آهي

مينهن چوري جي الزام تي جهيڙي، ٻيءُ جوان پٽ کي قتل ڪري ڇڏيو

ٻيءُ مٽي ۾ لوهه جي راڊ هڻي نوجوان پٽ کي قتل ڪري فرار ٿي ويو: مقتول جو وڏي ٻاءُ

ٻيءُ موبائل ڀڳي ته پٽ چوري جو الزام ٻيءُ تي هڻي چڏيو، جوابدار ڪاوڙ ۾ اچي پٽ کي قتل ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي منگهو پير ۾ هڪ جهيڙي دوران ٻيءُ ٻنهنجي ٿي پٽ کي مٽي ۾ لوهه جي راڊ هڻي قتل ڪري ڇڏيو. مينهن /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ ۾ بيروزگاري: هڪ ئي ڏينهن 6 جڻن جو آپگهات

ڪراچي (بيورو) سنڌ ۾ معاشي بدحاليءَ بيروزگاري سبب اجرڪي ڏينهن دوران 6 نوجوانن آپگهات ڪري ڇڏيو ڪنري جي علائقي تالهي ۾ بيروزگاري کان تنگ اچي نوجوان پرسو ڪولهي ٻاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪيو ڳوٺ نصير چانڊيو ۾ نوجوان پرسو ڪولهي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ حڪومت سرڪاري وڪيلن جي پگهار، الائونس ۾ واڌ جي سمري منظور ڪري ورتي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت سرڪاري وڪيلن جي پگهار ۽ الائونس ۾ 30 سيڪڙو واڌ جي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 11

پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس: احتساب عدالت نواز شريف جي بريت جو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

نواز شريف کي سياسي انتقام جو نشانو بنايو ويو ان وقت جي حڪومت نيب اختيارين کي نواز شريف جو سياسي ڪيريئر تباهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو

ملڪ جو 3 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ نواز شريف جي ساک کي تباهه ڪيو ويو، ريفرنس جي الزامن ۾ نواز شريف جو ڪردار شريڪ جوابدارن کان به گهٽ آهي

عدالت نواز شريف جون ملڪيتون بحال ڪرڻ جو حڪم ڏنو، نيب ڪيس پراپرٽي اپيل جو وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ ريليز ڪري ڇڏي: ذريعا

لاهور (م ڊ) لاهور جي احتساب عدالت اڳوڻي وزيراعظم ۽ مسلم ليگ (ن) اڳواڻ نواز شريف جي غيرقانوني پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس ۾ بريت جو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. جاري ڪيل فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته رڪارڊ ٻڌائي رهيو آهي ته نواز شريف /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ تي پابندي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل

لاهور (م ڊ) وزيراعظم جي صلاحڪار شهباز شريف ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي ايڊيشنل سيڪريٽري جنرل عون چوڌري پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) تي پابندي لڳائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو عمران خان جي اڳوڻي پرسنل سيڪريٽري عون چوڌري پي ٽي آءِ تي پابندي لاءِ سپريم /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: شيعه علماء ڪونسل پاڪستان سنڌ جو صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڏکڻ آفريقا ۾ زهريلي گيس جي ليڪيج سبب 16 ڄڻا فوت

ڏکڻ آفريقا ۾ جوهانسبرگ جي اوپر واري علائقي بوڪس برگ ۾ مبينا گيس ليڪيج سبب فوتين ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن: خابرو اداري

جوهانسبرگ ويجهو اوپر علائقي بوڪس برگ ۾ مبينا گيس ليڪيج سبب 6 ڄڻا مارجي ويا آهن. هن واقعي واري هنڌ جو دورو ڪيو آهي

اسلام آباد (بيورو) ڏکڻ آفريقا ۾ جوهانسبرگ ويجهو ڪجي آبادي ۾ زهريلي گيس ليڪيج سبب 16 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي خابرو اداري موجب ڏکڻ آفريقا ۾ جوهانسبرگ جي اوپر واري علائقي بوڪس برگ ۾ مبينا گيس ليڪيج سبب /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 16

ڊائريڪٽر جنرل جو مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو تفصيلي دورو

ڪاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس ۾ جڳهه جي گهٽتائي کي مناسب طريقي سان پورو ڪرڻ لاءِ پراڻو ريڪارڊ ۽ سامان کي مناسب طريقي سان رکيو وڃي: ڊائريڪٽر جنرل

جتي به مرمت جي ضرورت آهي ته ان لاءِ لکت ۾ لکي ڏين ته ضروري مرمت جو ڪم ڪرائي سگهجي ته جيئن آفيسن جي جڳهه کي وڌائڻ ممڪن ٿي سگهي

چيف انجنيئر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان فوري طور تي رابطو ڪري صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ انجنيئرن کي موڪلڻ ۽ وڏيڪ ضروري پيش رفت لاءِ ڳالهه ٻولهه ٿي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل (پبلڪ ريلشنز) سنڌ سوائي خان چانڊيو اڄ سنڌ جي اطلاعات کاتي (هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي) جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو تفصيلي دورو ڪيو ان موقعي تي آفيسرن ۽ عملي کي ڪم ڪندي ڏٺو ۽ آفيسن جي حالت جو جائزو ورتو ۽ هدايتون ڏنيون ته کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس ۾ جڳهه جي گهٽتائي کي مناسب طريقي سان پورو ڪرڻ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 13

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير محسن نقوي پريس ڪانفرنس ڪندي

جهانگير ترين جي ٻاءُ ۽ ملتان سلطانز جي مالڪ عالمگير ترين آپگهات ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو) استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهه جهانگير ترين جي ٻاءُ آپگهات ڪري ڇڏيو. پوليس ذريعن موجب عالمگير ترين پستل سان پنهنجي مٿي ۾ گولي هنئي. عالمگير ترين تاليوارو بزنس مين ۽ پاڪستان سپرليگ جي ٽيم ملتان سلطانز جو مالڪ ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو پوليس ذريعن جو /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 10

سراج دراني جي ضمانت واري درخواست ٻڌڻي لاءِ منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ جوابدار جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي 20 جولاءِ تي ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

عدالت نيب کي هدايت ڪئي ته جاچ آفيسر جي حاضري يقيني بڻائي وڃي: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس ۾ اسپيڪر سنڌ اسمبلي آغا سراج دراني جي ضمانت واري درخواست منظور ڪري ورتي آهي. آغا سراج دراني جي وڪيل جعفر رضا ايڊووڪيٽ عدالت ۾ /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 18

پ پ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ تي سوئيڊن تي معاشي پابنديون لڳائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

اڄ پارليامينٽ جو مذمتي اجلاس جاري آهي، جيڪڏهن پيهر اهڙي قسر جو واقعو پيش آيو ته اسان تعزيتي اجلاس گهرائينداسين: رضا رباني

ائين او آءِ سي به رڳو مذمتي اجلاس تائين محدود آهي، مسلم امت فلسطين جي معاملي تي به رڳو مذمت ۽ تقريرون ئي ڪيون آهن: سينيٽر

مسلم ملڪ وڏي واپاري مارڪيٽ آهن، جيڪي سڄي دنيا کي تيل فراهم ڪندا آهن پر بدقسمتي سان مسلم امت معاشي فيصلا ڪرڻ کان گهبرائي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) پ پ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪرڻ تي سوئيڊن تي معاشي پابنديون لڳائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس سان خطاب ڪندي پ پ جي سينيٽر اڳواڻ رضا رباني چيو ته اڄ پارليامينٽ جو مذمتي اجلاس جاري آهي. جيڪڏهن پيهر اهڙي قسر جو واقعو پيش آيو ته اسان تعزيتي اجلاس گهرائينداسين. ائين او آءِ سي به رڳو مذمتي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 14

خيبر: دهشتگردن خلاف آپريشن دوران پاڪ فوج جو ميجر شهيد

راولپنڊي (م ڊ) سيڪيورٽي فورسز جي خيبر ۾ انٽيليجنس آپريشن دوران ميجر ميان عبدالله شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب خيبر جي علائقي شڪاس ۾ 5 ۽ 6 جولاءِ جي وچين رات دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته فورسز جي آپريشن دوران دهشتگردن ۽ سيڪيورٽي فورسز /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي: سويڊن ۾ قرآن شريف جي بحرمتي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڏاڙيل جو آزار، پاڻي جي واري تي ويل 3 ڳوٺاڻا اغوا، انتظاميه متحرڪ

ڏاڙيلن جا ٽولا ڪچي کان پڪي ۾ به پهچي ويا، سرحد پرسان پاڻي جي واري تي ويل 3 ڳوٺاڻا اغوا، هڪ جڻي پڇي جان بچائي ڏاڙيل پن جڻن کي اغوا ڪري کڻي ويا

وارٿن جو سرحد ٿاڻي اڳيان ڏرٿو، پوليس کي مغوين جي بازيابي لاءِ 24 ڪلاڪن جو الٽيميٽم، ايس ايس پي آفيس اڳيان ڏرٿي جو اعلان

ڏاڙيل ڳوٺاڻي محمود پهرڙ کي به اغوا ڪري کڻي وڃي رهيا هئا ته هن ڏاڙيلن سان مذاحمت ڪري ڏني جنهن دوران ڪيس ڏاڙيل زخمي حالت ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

سرحد (رپورٽر) سرحد ۾ ڏاڙيلن جا ٽولا ڪچي کان پڪي ۾ به پهچي ويا. سرحد پرسان پاڻي جي واري تي ويل 3 ڳوٺاڻا اغوا، هڪ جڻي پڇي جان بچائي ڏاڙيل پن جڻن کي اغوا ڪري کڻي ويا. وارٿن جو سرحد ٿاڻي اڳيان ڏرٿو، پوليس کي مغوين جي بازيابي لاءِ 24 ڪلاڪن جو الٽيميٽم، ايس ايس پي آفيس اڳيان ڏرٿي جو اعلان، خبر موجب سرحد جي ڪچي کان بعد هاڻي /بقايا پوهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ رياض آصف زرداري ۽ شريف خاندان خلاف شاهدي کان انڪار ڪيو هو: صحافي انيق ناجي

ان وقت ملڪ رياض جو چوڻ هو ته آصف زرداري سان گڏ ڪاڏو پيتو آهي، منهنجو دوست آهي ان خلاف شاهد نٿو بڻجي سگهان

ملڪ رياض عمران خان خ

ڪوٽڙي بئراج ۾ 46000 هزار ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود بدين ۾ ڪوٽ برقرار، آبادگار پريشان

قاضيا ڪيڻ شادي ميرواهه ڊائون ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ ساريال جي ٻيجاري جي پوکي نه ٿي سگهي

ڪائونسلر بشير احمد نوتڪاڻي ڊاڪٽر نواز لنڊ لالا نواز شيخ جان محمد گهراڻو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

ٽيلن ۾ آباد هزارين ماڻهن مان بيچيني ختم ڪري ڪين سارين جي ٻيجاري لاءِ پاڻي مهيا ڪري ڏنو وڃي: مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪوٽڙي بئراج ۾ 46000 هزار ڪيوسڪ پاڻي هجڻ باوجود بدين ضلعي جي اڪرم واهه جي تن سب ڊويزنن قاضيا ڪيڻ شادي ميرواهه ڊائون ۾ پاڻي جي شديد ڪوٽ ساريال جي ٻيجاري جي پوکي نه ٿي سگهڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي نااهلي، شهر گندگي جي ور چڙهي ويو، شهرين پاران احتجاج

گندو پاڻي روڊن رستن تي تلاءُ جا ڏيک ڏيڻ لڳو، منتخب چونڊيل نمائندا مسئلا حل نه ڪري سگهيا

سماجي اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان علي ناريجو، ڪامريڊ شهباز قلهوٽو، يوسف نواز سيال ۽ ٻين احتجاج ڪيو

خيرپور (رپورٽر) ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي نااهلي، شهر گندگي جي ور چڙهي ويو. نالين جو گندو پاڻي روڊن رستن تي تلاءُ جا ڏيک ڏيڻ لڳو. منتخب چونڊيل نمائندن جا سڪٽا دورا به پوئتو ٿيا نه سگهيا. شهري اذيتون پوڳڻ لڳا. سماجي اڳواڻن پاران وس وارن کان نوٽيس جو مطالبو. تفصيل موجب خيرپور جي سماجي اڳواڻن ايڊووڪيٽ قربان علي ناريجو ڪامريڊ شهباز قلهوٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وارهه هٿرادو مهانگائي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل

لاڳاپيل آفيسر آفيسن تائين محدود عوام شڪايتن ۽ درخواستن جا انبار لڳائي ڇڏيا

ڪامورا شاهي جي ڪن تي جوءُ به ڪا نه چري سوشل فورم وارهه جي سڏ تي مظاهرو ڪيو ويو

افسوس جو ڪير به منافعي خور واپارين خلاف نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين جون ڳالهيون

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه هٿرادو مهانگائي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو ڏهه روپين واري شيءِ پنجاهه روپيا وڪرو ٿيڻ لڳي انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل لاڳاپيل آفيسر آفيسن تائين محدود عوام شڪايتن ۽ درخواستن جا انبار لڳائي ڇڏيا ڪامورا شاهي جي ڪن تي جوءُ به ڪا نه چري سوشل فورم وارهه جي سڏ تي تعلق پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو اعلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

وارهه: بليڪ تي برف وڪرو ڪندڙن خلاف سماجي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

دڙي ۾ خودڪشي جو انوکو واقعو: نوجوان بيروزگاري سبب بجلي جي تار ۾ هٿ وجهي انت آندو

پيرڦل روڊ تي رهندڙ سڪندر عرف ڪارو پٽ خميسو ملاح پريشانين کان تنگ اچي خودڪشي ڪئي

وارثن ۽ پاڙي وارن فوري تي دڙو جي سرڪاري اسپتال پهچايو، جتي ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي

گهرو پريشانين سبب نوجوان سڪندر عرف ڪارو ملاح ڪجهه وقت کان نشو پڻ واپرائيندو هو: ذريعن جي دعويٰ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ۾ خودڪشي جو افسوسناڪ ۽ انوکو واقعو..!! پورهيت نوجوان بيروزگاري ۽ گهرو پريشانين کان تنگ اچي بجلي جي پول تي چڙهي هلندڙ بجلي جي تارن ۾ هٿ وجهڻ بعد آپگهات ڪري ڇڏيو. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام. شهر ۾ سوڳ وارو ماحول. تفصيل موجب دڙو شهر جي واري 5 ۾ درگاهه پيرڦل روڊ تي رهندڙ نوجوان پورهيت سڪندر عرف ڪارو پٽ خميسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪمشنر ميرپورخاص جي صدارت هيٺ اجلاس، ٽرڪول بلاڪ ون ۽ 2 جي سڪيورٽي بابت ڳالهيون

ٽرڪول هڪ اهم قومي منصوبو آهي، سڪيورٽي کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن: ڪمشنر

ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر کي هدايت ڪئي وئي آهي ته ٽرڪول جي زمينن تي حددخلين کي هٽايو وڃي

نگراني جي عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ ٽرڪول انتظاميا پڪو ۽ ڪچو روڊ ٺاهي ۽ واچ ٽاورن جي تعداد کي وڌايو وڃي

مني (ب ر) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شفيق احمد مهيسر جي صدارت هيٺ دربار هال مني ۾ ٽرڪول بلاڪ ون ۽ 2 جي سڪيورٽي بابت اجلاس ٿي گذريو. اجلاس جي صدارت ڪندي ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص چيو ته ٽرڪول هڪ اهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مني: ڊويزنل ڪمشنر شفيق مهيسر ڪوئيل اجلاس ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ور پريس ڪلب تي ايس ايچ او گهوڙاپاري جي اڳواڻي ۾ اتالن جي ڪاهه، سينئر صحافي گرفتار

اتالن ڏاڙيلن جيان ڪاهه ڪري پريس ڪلب ۾ موجود سينئر صحافي سيد امير شاهه پاڏائي کي گرفتار ڪيو

پوليس سيد امير شاهه پاڏائي کي ور پريس ڪلب تي چڙهائي ڪري گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو

پوليس توڙ ڦوڙ ڪري هڪ بيباڪ صحافي کي گرفتار ڪري پنهنجي روايت کي ورجايو آهي: ساڳاهه وندن جون ڳالهيون

نٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي نٽي جي شهر ور ۾ ور پريس ڪلب تي ايس ايچ او گهوڙاپاري مختيار ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏن اتالن جي ڏاڙيلن جيان ڪاهه پريس ڪلب ۾ موجود سينئر صحافي سيد امير شاهه پاڏائي گرفتار نامعلوم هنڌ منتقل صحافين ۾ سخت تاءُ پڪڙجي ويو گهوڙاپاري پوليس جي ايس ايچ او مختيار ڪلهوڙو انتقامي ڪارروائي ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اوباوڙو ۾ جهيڙي ۾ لنيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا سخت زخمي

زخمين ۾ عبدالجبار ڪوش، پنهل ڪوش، شير محمد ڪوش، ظفر ڪوش ۽ ٻيا شامل

جهيڙي جو اطلاع ملڻ تي رائونتي پوليس جهيڙي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو ويو

جوابدار حملو ڪري رتو رت ڪري دوڪانو بند ڪرائي موقعي تان فرار ٿي ويا: متاثرين

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو جهيڙي ۾ لنيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ عبدالجبار ڪوش، پنهل ڪوش، شير محمد ڪوش، ظفر ڪوش، صادق ڪوش ، شوڪت ڪوش شامل آهن. اوباوڙو جهيڙي جو اطلاع ملڻ تي رائونتي پوليس جهيڙي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو ويو جنهن بعد زخمين جي ٻنهي ڌرين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

اوباوڙو: جهيڙي ۾ زخمي ٿيل انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سوئيڊن ۾ حڪومتي سرپرستي ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي خلاف سڪر ۾ واپارين پاران احتجاج

واقعي خلاف چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ صرافه بازار کان احتجاجي ريلي ڪڍي ويئي

عبيدالله پٽو، غلام مصطفي قلهوٽو، حاجي غلام شبير پٽو، علامه نور احمد قاسمي ۽ ٻين پاران شديد نعريبازي

اسلام دنيا جو واحد مذهب آهي جنهن جو پيغام سڀني جي لاءِ خير خواهي آهي، معاملي تي احتجاج ڪنداسين: اڳواڻ

سڪر(امداد علي گل ڪلوڙ) سوئيڊن ۾ حڪومتي سرپرستي ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي خلاف سڪر ڊيويلپمنٽ اٿارٽي سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آئي. چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ صرافه بازار کان احتجاجي ريلي ڪڍي ويئي جنهن ۾ ايس ڊي اي اڳواڻن مولانا عبيدالله پٽو، غلام مصطفي قلهوٽو، حاجي غلام شبير پٽو، علامه نور/بقايا پڙهو صفحو 12

نئون ڪوٽ پرسان 15 ورهين جو نينگر ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري فوت ٿي ويو

پندرنهن ورهن جو نينگر لڇمڻ ولد پونجو ڪولهي ٽريڪٽر ٽرالي مان ڪري فوت ٿي ويو

رورل هيلٿ سينٽر نئون ڪوٽ آندوجتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، گهر ۾ ڪهرام

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان پندرنهن ورهن جو نينگر ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري فوت ٿي ويو. نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ لونگ چانڊيو واسي پندرنهن ورهن جو نينگر لڇمڻ ولد پونجو ڪولهي ٽريڪٽر ٽرالي مان ڪري فوت ٿي ويو وارثن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اوباوڙو جي سول ڪورٽ ۾ آيل حاضري تي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، 2 زخمي

جهيڙي ۾ سروتا لڳڻ سبب هڪ ڌرجا 2 ڄڻا صابر خان پنهور، ۽ ظهور پارو زخمي

اوباوڙو تاڻي جو ايس ايچ او عبدالوحيد پٽو وڏي نفري ساڻ ڪري جهيڙي تي ضابطو آندو

اوباوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوباوڙو جي سول ڪورٽ ۾ آيل حاضري تي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو اوباوڙو ڏهر ۽ سپيا برادري ۾ زمين جي مالڪي تان پراڻو خوني تڪرار هلندڙ هو جهيڙي ۾ سروتا لڳڻ سبب هڪ ڌرجا 2 ڄڻا صابر خان پنهور، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اوباوڙو: جهيڙي جا زخمي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٺٽي جي شاهي بازار ۾ پراڻي مچي مارڪيٽ سامهون هوٽل مان سامان چوري ٿي ويو

چور دروازا توڙي هوٽل ۾ رکيل قيمتي يو پي ايس سسٽم، 230 واري بيٽري کڻي ويا

نوٽيس وٺي چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي چوري ۾ ملوث چورن کي گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر جي شاهي بازار ۾ پراڻي مچي مارڪيٽ سامهون قائم محمد رحيم ۽ افضل سمون جي هوٽل کي گذريل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شيرازي گروپ جو نوجوان اڳواڻ ڪامران غني ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

مقتول جي پونيئرن ۾ ماءُ زال ۽ ننڍڙا ٻارن سميت ٽن پيرنون سوگوار ڇڏي ويو

جاويد لطيف ميمڻ، حيدر جويو، سينيٽر نائب صدر مظفر خاصخيلي نائب صدر تعزيت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر جي ميمن برادريءَ سان واسطو رکندڙ هڪ انتهائي معتبر شخص، اڳواڻ يونين ڪائونسل ناظم، تاجر اتحاد ٺٽي ضلعي جو جنرل سيڪريٽري، سنڌ ميمڻ اتحاد ضلعي ٺٽي جو صدر ۽ تازو ٿيل چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو پوليس چوري ٿيل 10 لک رپيا هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪري ڇڏيا

دادو پوليس شهرين جي دادرسي لاءِ هر وقت مصروفِ عمل آهي: پوليس ترجمان

هٿ ڪيل چوري شده روڪ رقم متاثر شهري منير احمد آرائين حوالي ڪئي وئي آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو پوليس چوري ٿيل 10 لک رپيا هٿ ڪري مالڪ حوالي ڪري ڇڏيا: دادو پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: دادو پوليس پاران چوري ٿيل رقم مالڪ حوالي ڪئي پئي وڃي

دادو ۾ آپڪا پاران علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري ۾ ايوارڊ تقريب منعقد

منير احمد سيال ، مرڪزي اڳواڻ احمد علي ڏاهري ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي

دانشور، ليکڪ عوام جي حقوق لاءِ ڏينهن رات خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

دادو(عزيزالله خاصخيلي) ''آپڪا'' آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن ضلع دادو پاران علامه آيي آيي قاضي لائبريري پارڪ دادو ۾ ايوارڊ تقريب رکي ويئي: تقريب جي شروعات مولوي حبيب الله پنهور تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيي. ايڊيشنل ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جهڏو واسي عورتن پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو، عورتن تي تشدد جو الزام

عيدل پاڙي جي رهواسي عورتن نسيم زال محرم شيدي، پيٽ عظما ٻارن سان گڏ احتجاج ڪيو

گڏو خاصخيلي، سهيل خاصخيلي، راجا خاصخيلي نينگر سان بدفعلي جي ڪوشش ڪئي: الزام

جهڏو (رپورٽ:ممتاز جوڻيجو) جهڏو واسي عورتن پاران بااثرن خلاف احتجاج. 7 ساڳ معصوم ٻارسان ڏيادتي ۽ عورتن تي تشدد جو الزام. جهڏو جي عيدل پاڙي جي رهواسي عورتن نسيم زال محرم شيدي، سندس پيٽ عظما ٻارن سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

جهڏو: عورتون بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪروڙين مسلمانن جي دل آزاري آهي: رشيد احمد شاهه بخاري

گستاخي ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ گهرجي، اسان معاملي جي سخت مذمت ڪريون ٿا

اڄ جمعي جي ڏينهن سڀني پوائنٽ کان سڪر پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي

سڪر(بيورو رپورٽ) سني رابطا ڪائونسل ضلعي سڪر جي صدر سيد رشيد احمد شاهه بخاري چيو آهي ته سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪري ڪروڙين مسلمانن جي دل آزاري ڪئي وئي آهي. گستاخي ڪندڙ خلاف قانوني ڪارروائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خيرپورناٿن شاهه تاڻي جو منشي گلزار گاڏهي بي تاج بادشاهه بڻيل، اختيارين خاموش

گلزار گاڏهي پاران ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن کي پئسا وٺي ويزا تي ڇڏيو ويو آهي

پوليس اسٽيشن تي منشي گلزار گاڏهي جي مقرر شرط ئي ڏوهن ۾ اضافو ٿيو آهي: شهري

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه تاڻي جو منشي گلزار گاڏهي بي تاج بادشاهه بڻيل. هر پوليس وارو سندس جو سلامي بڻيل. خيرپورناٿن شاهه تاڻي جي منشي گلزار گاڏهي جي مقرري سان ڪيترن ئي شهرن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ريلوي سڪر ڊويزن جي ملازم گيٽ مين عابد علي پاران پنهنجي ڀاڻ سميت احتجاج

عابد علي پنهنجي گهر پاتين سميت سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

الاٽ ڪيل سرڪاري ڪوارٽر جي اڌ حصي تي بااثر قبضا مافيا قبضو ڪري ڇڏيو آهي: الزام

سڪر(بيورو رپورٽ) ريلوي سڪر ڊويزن جي ملازم گيٽ مين عابد علي پنهنجي گهر پاتين سميت سڪر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته ريلوي ڪالني پاران ڪيس الاٽ ڪيل سرڪاري ڪوارٽر جي اڌ حصي تي بااثر قبضا مافيا قبضو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سڪر: ريلوي ملازم ڪوارٽر تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي

سڪر پريس ڪلب ۾ سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران نئين چونڊجي آيل چيئرمين کي مبارڪون

ڪميل حيدر شاهه، وائيس چيئرمين اختر مهر، ميئر سڪر بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ کي آجياڻو فراهم

مڪي شاهه ٽائون جي چيئرمين مرتضي گهانگهرو جي اي شاهه ٽائون جي چيئرمين آغا افتخار محسن شريڪ

سڪر کي ماڊل ضلعو بڻايو ويندو سيوريج ۽ ڊرينيج سسٽم سميت ٻيا مسئلا جلد حل ڪيا ويندا: ڪميل حيدر شاهه

سڪر(رپورٽ.امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر پريس ڪلب ۾ سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران نئين چونڊجي آيل چيئرمين ضلع ڪائونسل سڪر سيد ڪميل حيدر شاهه، وائيس چيئرمين اختر مهر، ميئر سڪر بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ، ڊپٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڪر: ب پ اڳواڻ پريس ڪلب ۾ آجياڻي واري تقريب ۾ ڳالهائي رهيا آهن

دريا خان مري توڙي آسپاس ۾ ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو، اختياريون خاموش

دريا خان مري (رپورٽر) دريا خان مري توڙي آسپاس ۾ ڪتن جو آزار گهٽجي نه سگهيو جتن ڪتن ڳوٺ ڪنڊو مري واسي جلال مري ڳوٺ علي آباد واسي محبوب بروهي ڳوٺ ملو واحد بخش خاصخيلي واسي غلام مصطفي خاصخيلي کي ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڏو ڪتي ڏاڙهيل زخمين کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سڪر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گرمي ۾ اضافو ٿي ويو، روڊ ويران، شهري گهرن تائين محدود

روهڙي ۾ گرمي ۾ اضافي سبب ٿڌين شين جي اڳهن ۾ اضافو ٿي ويو آهي، برف جا اڳهه وڏي ويا

ڪارپوريشن جي اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي ٻيتا خوري سبب شهر ۾ حددخلين جو آزار وڏي وئي

سڪر(رپورٽر) ملڪ جي ٻين شهرن جيان سڪر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ گرمي ۾ اضافو ٿي ويو آهي، سڪر روهڙي ۾ گرمي ۾ اضافي سبب ٿڌين شين جي اڳهن ۾ اضافو ٿي ويو آهي، سڪر شهر ۾ گرمي سبب اڪثر روڊ ويران نظر آيا. هوڏانهن گرمي ۾ اضافي ڪانپوءِ اڪثر شهرين درياهه ڪنالن جو رخ ڪيو. سڪر ميونسپل ڪارپوريشن جي اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي ٻيتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

مانجهند ۾ پسند جي پرٽي جو پلاٽ هٿياربند جي گهرتي ڪاهه، 3 ڄڻا زخمي

سلامت علي ميمڻ پنهنجي ماروڻ راحيلا ميمڻ سان گهران نڪري پسند جو پرٽو ڪيو هو

پلاٽ ۾ هٿيار بندن گهر ۾ داخل ٿي نوجوان جي والد نظام الدين ميمڻ امڙ ۽ گهرواري تي تشدد ڪيو

پوليس جوابدارن جي عزيزن چنگچي ڊرائيور سميت 8 ڄڻن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند ۾ پسند جي پرٽي جو پلاٽ هٿياربند جي گهر تي ڪاه قندافن سان 3 ڄڻا زخمي 14 ورهين جي نينگري مبينا اغوا 8 ڄڻا گرفتار 3 ڄڻا ڊيل تحت آزاد تفصيل موجب مانجهند ۾ هڪ مهينو اڳ نوجوان سلامت علي ميمڻ پنهنجي ماروڻ راحيلا ميمڻ سان گهران نڪري پسند جو پرٽو ڪيو هو جنهن جي پلاٽ ۾ هٿيار بندن گهر ۾ داخل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور جي معزز خاندان سان تعلق رکندڙ علي رضا شيخ فرادي نڪتو، متاثر جو احتجاجي مظاهرو

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي معزز خاندان سان تعلق رکندڙ علي رضا شيخ فرادي نڪتو. علي رضا شيخ پلاٽ جي نالي تي فراڊ ڪري 58 لک ڏيڻي ويو آهي 9 سال گذرڻ باوجود نه پلاٽ جو قبضو مليو نه ڪاتو ملي ، حق گهرڻ تان علي رضا شيخ قتل ڪرائڻ چاهي ٿو. نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي، اثرم عباس / نايابه جعفري جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

مانجهند: هٿياربندن هٿان زخمي ٿيل پيرسن انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

خيرپورناٿن شاهه پرسان وحشي پيءِ پٽ کي ڏنڊا هڻي قتل ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ذوالفقار لاڙبر کي مبينا پنهنجي پيءُ رسن سان ٻڌي ڏنڊا هڻي بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو

ڪراچي جي علائقي نادرا ٻاءِ پاس تي رهندا آهيون اتي پاڙي وارن جي ڊڳي چوري ٿي وئي هئي: ارشاد احمد

قتل ٿيل نوجوان جي لاش کي سندس امڙ ڪٽائي کي اين شاهه لڳ پنهنجي ڳوٺ ڪٽائي وئي، ڪيس داخل نه ٿيو

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) افسوسناڪ خبر ڪي اين شاهه لڳ ڳوٺ جواڻ جي رهواسي 18 سالا نوجوان ذوالفقار لاڙبر ولد گل حسن لاڙبر کي مبينا طور تي پنهنجي پيءُ رسن سان ٻڌي ڏنڊا هڻي بي رحميءَ سان قتل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڪي اين شاهه لڳ ڳوٺ جواڻ جو رهواسي 18 سالا نوجوان ذوالفقار لاڙبر ولد گل حسن لاڙبر کي مبينا طور تي پنهنجي پيءُ رسن سان ٻڌي ڏنڊا هڻي بي رحميءَ سان قتل ڪري ڇڏيو تفصيل موجب ڪي اين شاهه لڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سرحد ۾ ڏاڙيلن جا ٽولا ڪچي ڪان پڪي ۾ به پهچي ويا، 3 ڳوٺاڻا اغوا ٿي ويا، احتجاجي مظاهرو

هڪ ڄڻي پڇي جان بچائي ڏاڙيل ٻن جڻن کي اغوا ڪري ڪٽي ويا، وارثن جو سرحد تاڻي اڳيان ڌرڻو

ڳوٺ جان محمد پارو تي گذريل رات ديرسان زمين تي فصل کي پاڻي ڏيڻ ويل ڳوٺاڻن کي اغوا ڪيو ويو

حالات ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندس پيا وڃن ڪچي کان بعد هاڻي پڪي جا علائقا به محفوظ ناهن رهيا: رهواسي

سرحد(رپورٽر) سرحد ۾ ڏاڙيلن جا ٽولا ڪچي کان پڪي ۾ به پهچي ويا، سرحد پرسان پاڻي جي واري تي ويل 3 ڳوٺاڻا اغوا، هڪ ڄڻي پڇي جان بچائي ڏاڙيل ٻن جڻن کي اغوا ڪري ڪٽي ويا، وارثن جو سرحد تاڻي اڳيان ڌرڻو، پوليس کي مغوين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرحد: وڏندڙ اغوا واقعن خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

تنڊو غلام حيدر عوامي پريس ڪلب جي نائب صدر کي دوائيس ايجنٽ مافيا پاران ڌمڪيون

ايجنٽ مافيا پاران ناجائز ڪٽوتي جون خبرون هلائڻ تان صحافي جي ڪردار ڪشي ڪئي وئي

عورت الزام لڳايو ته پرويز پهنور آيل امدادي وظيفي مان 2 هزار روپين جي ناجائز ڪٽوتي ڪئي: صحافي

ايس ايچ او به ان دوائيس مافيا خلاف ڪابه عملي قانوني ڪاروائي نه ڪري سگهيو، نوٽيس ورتو وڃي: ڳالهيون

تنڊو غلام حيدر (ميرحسن رند) تنڊو غلام حيدر عوامي پريس ڪلب جي نائب صدر سنڌيار جي صحافي ميرحسن رند کي بد نام زمانه پرويز پهنور دوائيس ايجنٽ مافيا پاران ناجائز ڪٽوتي جون خبرون هلائڻ تان صحافي جي ڪردار ڪشي ڪئي وئي جڏهن ته دوائيس مافيا ايجنٽ جو وڊيو وائرل ٿيو جنهن ۾ مستحق عورت الزام لڳايو ته پرويز پهنور آيل امدادي وظيفي مان 2 هزار روپين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو شهر جي ماروي ڪالوني ۾ پوليس پاران گهرتي چڙهائي، هڪ ڄڻو گرفتار، احتجاج

پوليس چڙهائي عابد علي شاهاڻي کي پوليس پنهنجي گهر مان گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو

وارث دادو پريس ڪلب پهچي نٿهڻ اس ۾ نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

نوجوان کي آزاد ڪري وارثن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين: مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي ماروي ڪالوني ۾ پوليس جي هڪ گهر تي چڙهائي عابد علي شاهاڻي کي پوليس پنهنجي گهر مان گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ ڪٽي گم ڪري ڇڏيو جنهن جي گرفتاري خلاف سندس وارث دادو پريس ڪلب پهچي نٿهڻ اس ۾ نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي ڪري نٿا. احتجاجي مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس زبردستي گهر ۾ داخل ٿي ڏٺي بخش شاهاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: عابد شاهاڻي جي گرفتاري خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پوليس هٿان مقابلي ۾ فل فراءِ ڪيل نوجوان جي ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پوليس هٿان مبيني مقابلي ۾ فل فراءِ ڪيل نوجوان جي مبيني قتل جو فيصلو جج جي موڪل تي هجڻ سبب ٿي نه سگهيو، ٻڌڻي ٻي حاضري تائين ملتوي. مبيني پوليس عملدارن طرفان ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ فريادڻ کي ڌمڪين خلاف احتجاج. تدارڪ جو مطالبو. ايس ايس پي خيرپور سميت ڏهه سجاتل ۽ 50 اڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني جي خدمتگار کان قرجي ڪوشش

غلام قادر جوڪيو کان ڪراچي ۾ ڊاڪٽرن کان چيڪ ڪرائڻ ايندي هٿياربندن قرجي ڪوشش ڪئي

قورن پاران ڪيس روڪي قرڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪار نه بيهارڻ تي مٿس سڌي فائرنگ ڪئي ويئي

عقيدتمندن پاران درگاهه جي چيف خليفي خدمتگار غلام قادر جوڪيو تي ٿيل قاتلاڻي حملي جي مذمت

نٽو(در) جنگشاهي لڳ قديمي درگاهه حضرت سيد امير شاهه جيلاني جي خدمتگار غلام قادر جوڪيو تي ڪراچي ۾ ڊاڪٽرن کان چيڪ ڪرائڻ بعد ڪراچي کان پنهنجي ڪار ۾ واپس درگاهه تي ايندي هاليجي لنڪ روڊ تي تن نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربند قورن پاران ڪيس روڪي قرڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪار نه بيهارڻ تي مٿس سڌي فائرنگ ڪئي ويئي، پر هو معجزاڻ طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر تاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 تريڊ تاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 07 جولاءِ 2023ع

سنڌ ۾ منشيات جي تياري ، وڪرو ۽ واهپو

سنڌ ۾ منشيات جي تياري، وڪرو ۽ واهپو عام آهي ۽ انڪار جي واريءَ ۾ مٿو لڪائي انتظاميا ان جو اقرار ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي. ڪڏهن منشيات پوليس موبائلن مان پڪي هٿ اچي ته ڪڏهن اسپتال جي ايمبولينسن مان پڪڙجي. ڪنهن به سماجي برائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ پهريون مرحلو ان جي وجود کي مڃڻ هوندو آهي ۽ پوءِ ئي ان جي خاتمي لاءِ قدم کڻڻ ممڪن هوندو آهي. انتظاميا انهن سماجي برائين جو اقرار ڪرڻ لاءِ به تيار ناهي. منشيات سبب سنڌ جو نوجوان نسل تباهه پيو ٿئي. پر لڳي ائين ٿو ته. سنڌ جي منتظمين کي ڪو به اونو ڪونهي. شايد ئي ڪو ڏٺنهن هجي، جو سنڌ ۾ 'منشيات' پڪڙجڻ يا وري ماڻهن جي منشيات وڳهي حياتين کان محروم ٿيڻ جون خبرون رپورٽ نه ٿيندیون هجن. پر سنڌ جي منتظمين جي نظرن مان شايد اهي نٿيون گذرن، تڏهن ته اهي ميڊيا جي سامهون اهو چوندي ديرنٿا ڪن ته سنڌ ۾ منشيات جا ڪارخانا نه آهن. اهو پلا فرض به ڪري وٺجي ته سنڌ ۾ منشيات جا ڪارخانا ناهن ته پوءِ پلا اها منشيات ڪٿان ٿي اچي، جنهن جو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڪرو ۽ واهپو جاري آهي؟ سرڪاري ايمبولينسن ۾ جرس ۽ ٻي منشيات سپلاءِ پئي ٿئي، جنهن جو مثال سجاول اسپتال جي، ماڊل ڪالوني ڪراچيءَ مان منشيات سميت پڪڙيل ايمبولينس آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي ۾ 13 سالن جي ٻارڙي جي منشيات واپرائڻ واري ويڊيو وائرل ٿي هئي، اها منشيات ڪٿان ٿي اچي؟ سنڌ ۾ فيڪٽريون ته موتمار، خطرناڪ ۽ جديد هٿيارن جون به ناهن ته پوءِ اهي هٿيار ڪٿان ٿا اچن، جيڪي ڏاڙيل استعمال ٿا ڪن يا وري قبيلائي دهشتگرديءَ ۾ استعمال ٿي رهيا آهن؟ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ "ڪڙي ۽ قاتل" جو بئنيون آهن، جتي پوليس جي سرپرستيءَ ۾ ڪچو شراب/نرو نهي ۽ وڪرو ٿئي ٿو. شام ٿيندي ئي موڪيءَ وارا مَٽ اپٽجن ٿا، گهٽين ۾ موالين جون هسٽريائي رڙيون هونديون آهن. فرسٽريشن ۽ نراسائيءَ جا شڪار ماڻهو اهو 'اسم' واپرائين ٿا. جنهنڪري اهي نه صرف جسماني بيمارين جو شڪار ٿين ٿا، پر اتي ذهني صحت ۽ سگهائي به وڃائي ٿا ويهن. منشيات جي تياري، وڪرو هڪ منظم رٽابنديءَ تحت همٿايو پيو وڃي، جنهن ڪري نوجوان نسل "آفيمي چينين" وانگر تباهه ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ آفيم، چرس، آئس، نري، گٽڪي ۽ مين پڙي جو وڪرو عام آهي. اهو پلا ڪيئن ممڪن آهي ته منشيات جي تياري، وڪرو ۽ واهپو عام هجي پر پوليس کي پتو ئي نه پوي؟ سنڌ ۾ گٽڪي ۽ مين پڙين جي تياري، وڪرو ۽ واهپو عام آهي، جنهن ڪري وات ۽ نڙيءَ جو ڪينسر تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي. هزارين ماڻهو گٽڪو ۽ مين پڙي واپرائڻ سبب حياتيون وڃائي چڪا آهن. اها ايف آءِ آر ڪنهن تي ڪٽرائجي؟ ان ڪان سواءِ ٻيون خطرناڪ ڪيميڪلز واريون پڙيون، جهڙوڪ: سفينه، ايڪيهه سئو وغيره ته عام گٽڪي ۽ مين پڙين کان به خطرناڪ آهن. گٽڪي ۽ مين پڙي جي تياري، وڪري ۽ واهپي خلاف ڪريڪ ڊائون ته ٿيندو رهي ٿو، پر ان ۾ جيڪي ماڻهو گرفتار ٿين ٿا، انهن کي ڪا وڏي سزا نٿي ملي. جيڪو صرف ۽ صرف قانون ۾ سقم جي ڪري آهي، چو ته انهن کي منشيات ۾ نئو ڳڻيو وڃي. انهن جي ڳڻپ "مضرِ صحت" شين طور ٿئي ٿي. هونئن ته سگريٽ جي پئڪيٽ تي به "مضرِ صحت" لکيل هوندو آهي، پرڇا سگريٽ، گٽڪو، مين پڙي (سفينه، ايڪيهه سئو وغيره) هڪ ئي ڪٽيگريءَ ۾ شامل هجڻ گهرجن؟

اسان سمجهون ٿا ته گٽڪي ۽ مين پڙين جي صورت ۾ ٿيندڙ ڪينسر جو وڪرو ايستائين بند نه ٿي سگهندو، جيستائين انهن شين لاءِ قانونسازي ڪري انهن کي "منشيات" جي ڪٽيگري ۾ شامل ڪري سخت سزا مقرر نه ڪئي ويندي. ان ڪري ضرورت اِن ڳالهه جي آهي ته سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ هلندڙ ڪچي شراب/نري جون بئنيون بند ڪرايو وڃن، جيڪي پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلن ٿيون. قانون سازي ڪري گٽڪي ۽ مين پڙي کي منشيات جي ڪٽيگري ۾ شامل ڪري سخت سزائون تجويز ڪيون وڃن. منشيات جي تياريءَ ۽ وڪري جي سرپرستي ڪندڙ پوليس عملدرن/اهلڪارن کي نوڪرين مان ڪڍيو وڃي.

بڦايا ***

01

صرف 7 جج سياست ڪري رهيا آهن. وي لاڪرس سان چيف جسٽس عمر عطابنديال جي ٽيل ڳالهه پول جو حوالو ڏيندي ناميارا صحافي اسد علي طور جو چوڻ آهي ته هڪ سوال جي جواب ۾ چيف جسٽس جو چوڻ هو ته مون جيڪي فيصلا لکي ڇڏيا آهن انهن جو حڪومت کي اندازو ٿي ئي نه آهي. جڏهن فيصلا ٻڌايا ويندا. تڏهن حڪومت جون اکيون کلي ويندیون. هڪ سوال جي جواب ۾ چيف جسٽس چيو ته جسٽس منصور علي شاهه منافق آهي. پنهنجي چيمبر ۾ جسٽس اطهر من الله سان گڏ فيصلو ويٺي لکيو ته جنس منصور علي شاهه آيو ته وڪيلن مهر شروع ٻيا ڪيون اچو پوٽو پرڪيو مون انڪار ڪيو ته زور پرائين. باهر نڪتس ته جسٽس فائز عيسيٰ جي چيمبر آڏو ٻيهي رهيا ۽ چيائون ته جسٽس قاضي فائز به اچي ٿو. ٻاهر اڳ ئي ڊرامون ڪرڻ لاءِ ميڊيا کي به گڏ ڪيو هئائون. فقط اهو تاثر ڏيڻ لاءِ ته سڀ جج گڏ آهيون هن چيو ته اسٽيبلشمينٽ جو وڏو دٻاءُ آهي. ڪر ڪرڻ نٿو وڃي تنگ ڪيو پيو وڃي. اسلام آباد جا جج به مون وٽ آيا ته فوج تنگ پئي ڪري ڪر ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. مون چيو جي ٻيهه ٻهادر ٿيا. ڪير اوهان جو وارو ونگر نٿو ڪري سگهي. صحافي عمران رياض بابت چيف جسٽس چيو ته ڪنهي گم ڪرڻ اسٽيبلشمينٽ جي واردات جو طريقو آهي. هائي چيو اٿن ته عمران رياض کي گرفتاريون پيا ڏسجو ته جلد بازيابه ٿي ايندو. جسٽس محسن اختر ڪيائي سان ڏسڻ چاهيو ٿيو مون جسٽس ڪيائي کي چيو ته تون منهنجو شير آهين. جمي ٻيهي مقابلو ڪريو. مان اوهان سان گڏ آهيان. هن چيو ته جسٽس مظاهر علي نقوي انتهائي ايماندار جج آهي ان خلاف ريفرنس داخل ڪيو ويو. مون جسٽس سردار طارق مسعود کي اماڻيو مهينو ٿي ويو آهي ان جو فيصلو چو نه ٿو ڪيو وڃي. ان جو مطلب ته ريفرنس ٻي بنياد آهي چيف جسٽس چيو ته جسٽس فائز عيسيٰ قومي اسمبلي ۽ ۾ هليو ويو ۽ سياستدانن سان گڏ ڀيهي خطاب به ڪيو. جڏهن مڱس تنقيد ٿي ته مون وٽ آيو بچايو. مون هڪ پريس رليز جاري ڪري سندس دفاع ڪيو. وري شرعي ڪورٽ جي چيف جسٽس جي حلف برداري تقريب ۾ هڪ ويڊيو وائرل ٿي تڏهن به جسٽس فائز عيسيٰ آيو ته بچايو مون ڪيس جواب ڏنو ۽ پوءِ پاڻ وضاحت ڪري جان ڇڏايائين هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته مون سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس احمد علي شيخ کي سپريم ڪورٽ ۾ مقرر ڪرڻ چاهيو پئي پر ان بابت جسٽس گلزار ۽ جسٽس سجاد علي شاهه چيو هو ته ڪريٽ آهي. مون جاج ڪئي ته الزام غلط ثابت ٿيو پر روئي ۾ تکو آهي. مون ڪيس فون ڪري چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رڳو سنڌي جج پيا مقرر ڪريو ته جواب ۾ جسٽس احمد علي شيخ چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سنڌي جج پرتي نه ڪريان ته ڇا پنجاب مان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جج گهرائي پرتي ڪيا. وري پير پيرو ڪيس فون ڪري چيو ته حڪومت کي اوهان کان شڪايت آهي ته چيائين ته سفارشون پيا ڪن. انڪار تي شڪايت پيا پيا ڪن. جڏهن جسٽس فائز عيسيٰ خط لکي جسٽس احمد علي شيخ جي مقرري لاءِ چيو ته مون وٽ منهنجا 2 هم خيال جج آيا ته جسٽس احمد علي شيخ ڪريٽ آهي. ان ڪري انهن جي ڳالهه رکڻي پئي، نوجي ڪورٽن خلاف پڌڻي لاءِ فل ڪورٽ جوڙڻ واري سوال تي چيو ته جيڪي جج موجود هئا. انهن تي پڌل بئنچ جوڙي ان دوران جسٽس فائز عيسيٰ چيو ته فوجي ڪورٽن خلاف بئنچ ۾ ڪيو ويندو. مون چيو ته اوهان ٻن ڪانسواءِ سڀ ويهندا. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ کي حيرت ٿي ته جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس يحييٰ کي حيرت ٿي ته جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس يحييٰ آفريدي به بئنچ ۾ شامل آهن.

ڪيس وڏو صدمو رسيو. چيف جسٽس وڏيڪ چيو ته جسٽس مسرت هلاڻي کي سپريم ڪورٽ ۾ مقرر ڪرڻ پئي ڇاهيو پر سندس روئي تي خدشا هئا. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ آيو ته اوهان جسٽس مسرت هلاڻي کي مقرر ڪيو. اوهان رتائر ٿي ويندا. مان ان کي سنڀالي وٺندس. مون به چيو ته ٺيڪ آهي. ذميواري کڻي ٿو ته بهتر آهي چو ته وري الاڻي ڪڏهن ڪا عورت جج اچي. هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي "ڪوريٽو" ريفرنس جو فيصلو لکي ڇڏيو آهي. ان بابت هندستان جي هڪ عدالت جو فيصلو پڙهي پوءِ فيصلو لکيو آهي.

بڦايا ***

02

انداز ۾ نهراءِ منظور ڪيو وڃي. ڪميٽي جوڙي وڃي. جيڪا سڄي دنيا جي فورمز ۾ سفارشون پهچائي. هن چيو ته اسان سڀني مذهبن جو احترام ڪيون ٿا پر اسلامو فوبيا ۽ اسلام خلاف باهه وڏندي پئي وڃي. سرڀيئن واقعي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي، ان واقعي تي اربين مسلمانن جي دل آزاري ٿي. سندس چوڻ هو واقعو مسلمانن ۽ عيسائين کي وڙهائڻ جي سازش آهي. هڪ ملعون کي پوليس جي موجودگي ۾ ناپاڪ حرڪت ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. سوئيڊن جي حڪومت اهڙو واقعو چو ٿيڻ ڏنو. سڄي دنيا کي ٻڌايو وڃي ته ان کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نٿا ڪري سگهون. وزيراعظم چيو ته نيوزيلينڊ جي آڳوٺي وزيراعظم مسلمانن سان پاڪر پاڌا ۽ ڪين پريور تحفظ ڏنو. جيسنڊا آرڊن جي قدمن کي مسلم دنيا سدائين ياد رکندي، مان هن معاملي تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان رابطي جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڪيس فوري طور گڏيل قومن جو اجلاس گهرائي گهرجي. شهباز شريف چيو ته صبر جو مطلب اهو ناهي ته اسان کي جواب ڏيڻ نٿو اچي. سڀاڻي جمعي جي نماز کانپو، سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪنداسين. سياسي ۽ مذهبي جماعتن کي گڏجي ريليون ڪيڏي گهرجن. دنيا کي ٻڌايو وڃي ته اها ناقابل برداشت حرڪت پيهرئي ته پوءِ اسان کي نه چئجو.

بڦايا ***

03

کي سياسي انتقام جو نشانو بنايو ويو ان وقت جي حڪومت نيب اختيارين کي نواز شريف جو سياسي ڪيريئر تباهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ملڪ جو 3 ڀيرا وزيراعظم رهندڙ نواز شريف جي ساک کي تباهه ڪيو ويو. احتساب عدالت قرار ڏنو آهي ته ريفرنس جي الزامن ۾ نواز شريف جو ڪردار شريڪ جوابدارن کان به گهٽ آهي. عدالت نواز شريف جون ملڪيتون بحال ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته نيب ڪيس پراپرٽي اپيل جو وقت ختم ٿيڻ کان پوءِ ريليز ڪري ڇڏي. فيصلي جي ڪاپي نيب چيئرمين ۽ ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل نيب ڏانهن اماڻي وڃي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سينئر اسپيشل پراسيڪيوٽر اسد اعوان کي حقيقتن جي خبر هجڻ جي آڌارتي عدالتي معاون مقرر ڪيو ويو. سينئر اسپيشل پراسيڪيوٽر چيو ته نواز شريف کي اشتهاري قرار ڏيڻ قانون موجب نه هو. اسپيشل پراسيڪيوٽر چيو ته نئين نيب ترميم موجب نواز شريف خلاف ڪارروائي ٿئي ٿي سگهي.

بڦايا ***

04

۾ ملوث شخص خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ پارليماني معاملن جي وفاقي وزير مرتضيٰ جاويد منمني نهراءِ پيش ڪيو. جنهن کي ايوان اڪثريتي راءِ سان منظور ڪري ورتو نهراءِ ۾ چيو ويو آهي ته هي ايوان سوئيڊن واقعي سوڌو مقدس ڪتابن، شاعرين ۽ شخصيتن جي توهين جي مذمت ڪري ٿو. سوئيڊن سرڪار بيحرمتي ۾ ملوث شخص خلاف ڪارروائي ڪري

بقايا سنڌيار 01

ڪري اڄ بدين پريس ڪلب اڳيان ،ضلعي ڪائونسلر بشير احمد نوتڪاڻي ،ڊاڪٽر نواز لنڊ لالا نواز شيخ جان محمد گهراٽو عبدالغفور جانديو گل محمد گرگيز اسلم ملاح محمد سومار ملاح اصغر علي گهراٽو ايوب گهراٽو غلام نبي چانگ غلام حسين لاکو مصطفي داسوءَ سيد خالقڏنو شاهه جي اڳواڻي ۾ 4 ڪلاڪ ڌرڻو پريس ڪلب روڊ مڪمل بند ٿي ويو ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ڊاريڪٽر ايريا واٽر بورڊ ليفٽ بينڪ بدين جي ڪوتاهي جي ڪري اسان کي پاڻي ڪونه پيو ملي جنهن ڪري هن وقت اسين ساريال جو پيجارو پوکي ڪري ته سگهيا آهيون هنن مطالبو ڪيو ته جڏهن درياهه ۾ هلڪي ٻوڏ آهي پوءِ بدين جا رهواسي پيڻ جي پاڻي کان محروم آهن هنن مطالبو ڪيو ته ناهل ڊاريڪٽر هٽائي بدين کي اڪرم واهه جي قاضيا ڪينءَ شادي مير واهه ڊائون کي پاڻي ڏئي بدين جي ٽيلن ۾ آباد هزارين ماڻهن مان بيچيني ختم ڪري ڪين سارين جي بيجاري لاءِ پاڻي مهيا ڪري ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 02

ته طلاق ڏيو. انڪار ڪرڻ تي اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته ڪيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

يوسف نواز سيال ۽ ٻين چيو آهي ته ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي نااهلي سبب شهر گندگي جي ور چڙهي ويو آهي. هنن چيو ته لڻمان ريلوي ڪراسنگ، گاڙهي پل روڊ، مهراڻ يونيورسٽي روڊ، فيض محل روڊ ، اوسٽاگاهي، پنجهتي، ٽالپور ڪالوني، شهيد آباد محلا، ٻچل شاهه محلا ،سرڪي موڙ، شيشم ڪالوني، مل ڪالوني سميت شهر جا 50 کان وڌيڪ محلا گندگي جي لپيٽ ۾ آهن. نالين جو گندو پاڻي روڊن ۽ رستن تي پاڻي جي تلاءَ جا ڏيک ڏئي رهيو آهي، پر افسوس آهي جو منتخب ميونسپل ڪميٽي خيرپور جي چيئرمين ڊاڪٽر يارمحمد قلهوتو جي سڪتا دورا ٻوٽو ٻاري نه سگهيا آهن. هنن ڊي سي خيرپور، ڪمشنر سکر، ڊسٽرڪٽ سيشن جج خيرپور سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته شهر جي صفائي سٿرائي کي يقيني بڻائي شهرين کي اذيتن کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 04

عدليا سپريم ڪورٽ آف پاڪستان وزيراعظم پاڪستان ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو وارهه هٿرادو مهانگائي عوام جي مت منجهائي ڇڏي ٻٽالون 60 روپيا ڪلو وارا 100 سؤ روپيا ڪلو. سڪل بصر 50 روپيا ڪلو وارا 80 روپيا ڪلو. تماٽا 70 روپيا ڪلو وارا 150 سؤ روپيا ڪلو. چوسر اٽب 120 روپيا ڪلو وارا 200 سؤ روپيا ڪلو. گ فل وزن 400 سؤ روپيا ڪلو وارو 500 سؤ روپيا ڪلو. گ 800 گرام 300 سؤ وارو 400 سؤ روپيا. برف 400 روپيا ڪئن واري 4500 هزار روپيا ڪئن ويه روپين واري برف 100 سؤ روپيا وڪرو ٿيڻ لڳي لاگاپيل تعلقه انتظاميه ميرپور ماٿيلو منڊلي وصول ڪرڻ لڳي مزدورطبقو ڪان عام واهپي جون شيون خريد ڪرڻ ڪان ڇڏي ويون ڪنهن به نوٽيس نه ورتو منافعي خور واپارين ٻوڙ متاثرين ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو سوشل فورم وارهه جي سڌ تي رياض ڪلهوڙو، محمد رفيق تنيو، جبران تنيو، جي اڳواڻي ۾ تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ٻگالهائيندي چيو ته هتي هٿرادو مهانگائي ايترو تہ وڌي وئي آهي جو مزدور طبقو پنهنجي روز مره جي استعمال جون شيون خريد ڪرڻ لاءِ پريشان آهي پر افسوس جو ڪير به منافعي خور واپارين خلاف نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن اسسٽنٽ ڪمشنر وارهه ڊپٽي ڪمشنر قمبر شهدادڪوٽ سول جج وارهه سيشن ڪورٽ قمبر، پرائيز ڪنٽرول اٿارٽي ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي وارهه ۾ وڏنڌڙ هٿرادو مهانگائي کي ٻنجوڏئي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي جيئن هر غريب مسڪين پنهنجي روز مره جي استعمال جون شيون آساني خريد ڪري سگهي

بقايا سنڌيار 05

سينٽر تي ڪنهن به ڏهاڙي نه ڏنو اڄ سرڪاري اسپتال ڪنڊرات جو ڊيڪ ڏئي رهي آهي اسپتال ۾ مقرر ٿيل ڊاڪٽر ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن ليڊي ڊاڪٽر نه هجڻ ڪري ليڊيز مريض سخت پريشان ٿين ٿا ليبارٽري جي ڪا سهولت ناهي اسپتال ۾ ايمبولينس نه هجڻ ڪري ايمرجنسي دوران سخت تڪليف ٿئي ٿي روڊ ايڪسيڊنٽ ۽ ايمرجنسي مريضن کي بروقت اسپتال پهچائڻ لاءِ رورل هيلٿ سينٽر دريا خان مري کي ايمبولينس ڏني وڃي ڊاڪٽرن جي ڪوٽ پوري ڪري دوائون پڻ ڏنيون وڃن ۽ اسپتال جي بلڊنگ جو ڪر مڪمل ڪرايو وڃي

بقايا سنڌيار 06

ملاح بي روزگاري، گهور پريشانيءَ ۽ نشو واپرائڻ سبب بجلي جي ٽٽيءَ تي چڙهي هلندڙ بجلي جي تارن ۾ هٿ وجهڻ بعد آڳهڪات ڪري ڇڏيو. جنهن کي وارثن ۽ پاڙي وارن فوري تي ڏڙ جي سرڪاري اسپتال پهچايو. جتي ڊاڪٽرن سندس موت جي تصديق ڪئي، نوجوان سڪندر عرف ڪارو ملاح جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جڏهن تہ آڳهڪات ڪندڙ نوجوان پورهيت سڪندر عرف ڪارو ملاح کي 6 ٻارن جو اولاد پڻ آهي. پورهيت پاڻي پرڻ ۽ مختلف دڪانن تي مزدوري پڻ ڪندو هو. جنهن بابت وڌيڪ معلوم ٿيو آهي تہ بي روزگاري ۽ گهور پريشانيءَ سبب نوجوان سڪندر عرف ڪارو ملاح ڪجهہ وقت کان نشو پڻ واپرائيندو هو، اڪثر طور پريشان رهندو هو جڏهن تہ آڳهڪات ڪندڙ نوجوان جي وارثن موجب سڪندر ٻک ٻيروزگاريءَ سبب اڪثر طور آڳهڪات ڪرڻ جو چوندو رهندو هو. رات هن آڳهڪات ڪرڻ جو چٽي بجلي جي پرل تي چڙهي تارن ۾ هٿ وجهي آڳهڪات ڪري ڇڏيو. هوڏانهن بيروزگاريءَ سبب خودڪشي ڪندڙ پورهيت نوجوان جي واقعي بعد علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول چائنجي ويو آهي

بقايا سنڌيار 07

قومي منصوبو آهي جنهن جي سڪيورٽي کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن، سڪيورٽي جي حوالي سان سمورن تجويزن تي عمل ڪري سيڪيورٽي کي فول پروف بڻايو وڃي. ان موقعي تي هن ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر کي هدايت ڪئي تہ ٽرڪول جي زمينن تي ڪيل هر قسم جي حدڪلين کي هٽايو وڃي ۽ ٽرڪول انتظاميہ سان گڏيل سروي ڪرائي وڃي تہ جيئن مختلف سهولتون فراهم ڪندڙ ماڻهن کي ڪئي ڪئي جاءِ ڏني وڃي جڏهن تہ انهن ماڻهن جي مڪمل تصديق ڪئي وڃي. هن چيو تہ ٽرپارڪر ضلعي ۾ مذهبي هم آهنگي آهي ۽ ماڻهو هڪ ٻئي جي مذهب جو احترام ڪن ٿا. تنهن ڪري ڪو به قدم کڻڻ کان اڳ مقامي عنصرن کي نظر ۾ رکي قدم کنيا وڃن تہ جيئن مسئلا پيدا نہ ٿين. هن ايس پي ٽرپارڪر سميت ٻين لاگاپيل ادارن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ ٽر جي ڪوئلي جي چوڌاري نگراني کي وڌايو وڃي ۽ ٻاڻ ۾ ڪوارڊينيشن وڌائي ۽ هڪ ٻئي سان ڊيٽا شيئر ڪئي وڃي. هن هدايت ڪئي تہ ٽرڪول ملازمن جي مڪمل تصديق ڪئي وڃي تہ ٻوءِ اهي مقامي هجن يا شهر کان ٻاهرجا هجن. پرتي جي وقت انهن اميدوارن جي ڊيٽا ورتي وڃي ۽ پرتي لاءِ مخصوص جڳهہ جو تعين ڪيو وڃي. هن چيو تہ ٽرڪول ۾ جيڪي به نوان ماڻهو اچن ٿا انهن جي پروفائيل کي وڌيڪ ڇڪاڻ ڪري ڇڏيو وڃي. ڊيٽابيس هجي جيڪو ايندڙ ڏينهن ۾ توهان لاءِ تمام گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيندو. هن ٽرڪول انتظاميا کي نصيحت ڪندي چيو تہ سڪيورٽي اوهان جي زندگي آهي، ان ڪري ان سلسلي ۾ ڪو به سمجهوتو نہ ڪيو وڃي، چاڪاڻ تہ ٽرڪول کي هر طرف کان نگراني جي ضرورت آهي، ان لاءِ ضروري آهي تہ نگراني جي عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ ٽرڪول انتظاميا پڪوءِ ڪجو روڊ ناهي ۽ واچ ٽاورن جي تعداد کي وڌايو وڃي . هن چيو تہ ٽرڪول ۾ جديد آلات جي انسٽاليشن کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن تہ ڪمپني کي پاڪستان حڪومت ۽ صوبائي حڪومت طرفان ڏنل اضافي فورسز کي جديد سامان، درون ڪيمرائون ۽ ٻيو ضروري سامان فراهم ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي ٽرڪول انتظاميا سڪيورٽي بابت مختلف تجويزون پيش ڪيون جڏهن تہ ايس ايس پي ٽرپارڪر زاهده پروين ٽرڪول بلاڪ ون ۽ 2 جي سڪيورٽي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ ڊي آءِ جي ميرپورخاص ڊويزن ذوالفقار علي مهر، ڊپٽي ڪمشنر ٽرپارڪر لعل ڏنومنگي، ايس ايس پي ٽرپارڪر ميڊم زاهده پروين، اسسٽنٽ ڪمشنر اسلام ڪوٽ، پاڪ فوج ۽ ٻين لاڳاپيل سيڪيورٽي ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 08

ويو جتي پيراميڊيڪل عملي پاران ڪيس فرسٽ ايڊ ڏئي وڏيڪ علاج لاءِ نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن تہ بشير شر کي علاج لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو=

بقايا سنڌيار 09

حق سچ لکندڙ صحافي سيد امير شاهه پاڏائي کي ور پريس ڪلب تي چڙهائي ڪري گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو آهي پوليس جي اهڙي عمل تي نئو ور غلام الله گهوڙاپاري جي صحافين ۾ سخت تاءُ پکڙجي ويو آهي پريس ڪلب ور تي چڙهائي ۽ صحافي امير شاهه پاڏائي جي گرفتاري تي سخت احتجاج ڪندي صحافين جاويد لطيف ميمڻ ـ ممتاز سميجو ـ ساجد شيخ ـ مقبول شاهه حفي ـ مظفر خاصخيلي ،ـ عذير پٽو ـ پيرل پياسي ملاح ـ نعمان خواجہ ـ شبير پٽي ـ دادا نيزار خواجہ ـ طارق جميل جاڙو ـ شهزاد ملاح ـ اجي ڪمار ـ مقبول ڪهيو، ماما عبدالستار ميرڀحر ـ بابوجان ـ عاشق ملاح ـ حسن ڊولو ۽ ٻين چيو آهي تہ هاڻي صحافتي ادارا به محفوظ ناهن گهوڙاپاري پيرپلو ور پوليس ڪليل دهشتگردي ڪري پريس ڪلب ور تي چڙهائي ڪئي آهي جيڪا مذمت جوڳو عمل آهي ايس ايچ او گهوڙاپاري مختيار ڪلهوڙو انتقامي ڪارروائي ڪندي دهشتگردي ڪندي هڪ مقدس اداري تي چڙهائي ڪري ڪري ٽوڙ ٽوڙ ڪري هڪ بيباڪ صحافي کي گرفتار ڪري پنهنجي روايت کي وڃايو آهي ور پريس ڪلب تي پوليس جي ڪيل چڙهائي تي ۽ صحافي امير شاهه پاڏائي جي گرفتاري تي سياسي سماجي ڌرين ۾ پڻ غصي جي لهر چائيل آهي قومپرست اڳواڻ سيد نواز شاهه پاڏائي سميت مختلف سياسي ۽ سماجي اڳواڻب حوڙيون آهي تہ ايس ايچ او گهوڙاپاري مختيار ڪلهوڙو لاڙڪاڻي ۾ هڪ شاگرد جي قتل ۾ ملوث آهي هي قاتل ايس ايچ او صحافي امير شاهه پاڏائي کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو صحافي امير شاهه هميشہ منشيات سماجي برائين خلاف اڳپرو رهيو آهي ۽ هميشہ حق سچ لکيو آهي جنهن ڪري هن سان اهو رڪاوٽ ڪيو ويو آهي هن چيو آهي تہ 24 ڪلاڪن اندر گرفتار صحافي امير شاهه کي آزاد نہ ڪيو ويو ۽ قاتل ايس ايچ او خلاف ڪارروائي نہ ڪئي وئي تہ احتجاجي سلسلو شروع ڪيو ويندو هوڏانهن گرفتار صحافي امير شاهه پاڏائي مٿان تشدد جا اطلاع پڻ مليا آهن تہ پوليس سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي

بقايا سنڌيار 10

کي علاج لاءِ ليٽر ڏئي تعلقہ اسپتال اوباروڙ پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد ڏني وئي. وڃي. اوباروڙ هوڏانهن ڪارنهن الزام هيٺ آيل ڏر اسپتال اندر احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي برادري جا ٻاثر ماڻهن وڏيرن جي چرچ تي اسان جي نوجوان دائود ڪوش متان ناحق ڪارنهن جو ڪروڙو الزام مڙهي اسان متان ڏهاءُ وجهي ٻاثر وڏيرن وٽ فيصلو ڪري ناجائز جرڳو 20 لک روپيا ڏنڌ وڌو ويو آهي. اوباروڙ انهن وڏيڪ چيو تہ اسان غريب مسڪين ماڻهون آهيون ناحق 20 لک روپيا تہ پرڻجي ڪري 25 ماڻهون ڏنڌا بردار اسان جي دوڪانن حملو ڪري 4 ماڻهن کي زخم ڪري دوڪانو بند ڪرائي موقعي تان فرار ٿي ويا. اوباروڙ متاثر ڏر ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير احمد ڊت

بقايا سنڌيار 11

اسلحو رکڻ جي ڪيس ۾ گواهہ اي ايس آءِ ڏاٽر ڏنو شر ۽ سپاهي نعيم الله رند جي مسلسل غيرحاضر رهڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سنڌن ڳهار بند ڪرڻ جو حڪم ۽ گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ايس ايس پي خيرپور کي ليٽر اماني هدايت ڪئي آهي تہ ڪين عدالت ۾ پيش ڪرايو وڃي.

بقايا سنڌيار 12

احمد قاسمي، عيدن جاگيراڻي، شاهہ محمد انڊهڙ، مولانا عبدالستار بروهي، بابو مهر، محمد منير ميمڻ، محمد صديق مهر، محمد ڪاشف شمسي، عبدالباري انصاري، امداد جهنڊير، طارق علي ميراڻي، ڏاڏو ابڙو، فضل الرحمن پٽو، ڊاڪٽر سعيد اعوان، فقير رمضان ڪورائي، جاويد ميمڻ عبدالخالق، شعيب ميمڻ، محمد عرفان، محمد الياس، محمد شهزاد، محمد حنيف، عبدالرزاق فاضلاڻي، الياس، محمد اڪرم ، جاويد قادري، محمد رفيق، ڪيلاش، جاويد علي، غلام محمد، عبدالستار نوناري ۽ ٻين وڏي آنگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي جي شريڪ اڳواڻن سوڊين حڪومت جي خلاف چتي تعريبازي ڪري ملزمن کي موت جي سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. احتجاجي ريلي کي خطاب ڪندي ايس ڊي اي چيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ قرآن مجيد فرقان حميد جي بي حرمتي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ناموس جي خلاف سرپسند عناصرن جا حملا رڳو بين المذاهب هم آهنگي کي نقصان پهچائڻ آهي. اسلام دنيا جو واحد مذهب آهي جنهن جو پيغام سڀني جي لاءِ خيرخواهي آهي. قرآن مجيد فرقان حميد جي تعليمات تي عمل پيرا ٿي ڪري اسان پوري دنيا کي امن جو گهوارو بڻائي سگهون ٿا. اڄ دنيا ۾ جيڪي به ترقي نظر اچي ٿي ان جي پويان قرآن پاڪ جي تعليم آهي. سوڊين حڪومتي سرپرستي ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي سان سڄي دنيا جي مسلمانن جا احساس ۽ جذبات بري طرح مجروح ٿيا آهن. ڪو به مذهب ڪنهن به مذهبي عقيدن جي توهين جي اجازت نٿو ڏيئي. قرآن پاڪ پوري انسانيت جي لاءِ محب، امن ۽ حڪمت جو ڪتاب آهي. سوڊين ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي سان مسلمانن جي دل آزاري ڪئي ويئي ۽ اشتعال انگيز شيطاني حرڪت ڪو به مسلمان برداشت نٿو ڪري سگهي. سوڊين حڪومت فوري طور تي قرآن پاڪ جي بي حرمتي معافي گهري گستاخي جي مرتڪب شيطاني صفتن کي موت جي سزا ڏي تہ جيئن آئنده ڪو به شخص اهڙي قسم جي شيطاني حرڪت ڪرڻ جي جرائت نہ ڪري سگهي. اهڙن واقعن تہ حڪومت پاڪستان سميت مسلمان حڪمران هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي ڪري انهن شر پسند عناصر کي منہ توڙڻ جواب ڏين تہ قرآن مجيد. فرقان حميد جي بي حرمتي کي ڪنهن صورت برداشت نہ ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن اهڙي قسم جي واقعن تي عالمي برادري روڪ ٿام نہ ڪئي تہ پوري دنيا جا مسلمان روڊن تي نڪري ڪري پرپور احتجاج ڪندا. هاڻي وقت آڻي ويو آهي تہ حڪومت پاڪستان مسلمانن جي حقيقي ليڊر شپ طور سامهون اچي ۽ اهڙي قسم جي واقعن کي روڪڻ لاءِ پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪري.

بقايا سنڌيار 13

موجب نينگر ٽريڪٽر ٽرالي ۾ ڳوٺ طرف اچي رهيو هو تہ اچانڪ هيٺ ڪري پيو. جنهن کي رورل هيلٿ سينٽر نئون ڪوٽ آندو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ضروري ڪارروائي بعد مڙهہ وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو مڙهہ گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا سنڌيار 14

ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ، نثار صديقي، ٽائون جي چيئرمين طارق چوهان وائيس چيئرمين ذوالفقار ڪوسو، مڪي شاهہ ٽائون جي چيئرمين مرتضي گهانگهرو جي اي شاهہ ٽائون جي چيئرمين آغا افتخار محسن عرف محسن خان وائيس چيئرمين قوت علي عرف فرحان شاهہ ۽ روهڙي ٽائون جي چيئرمين مير يعقوب علي شاهہ ۽ وائيس چيئرمين اسلم ميمڻ جي اعزاز ۾ سکر پريس ڪلب ۾ آجپائي جي هڪ بهترين تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ جنهن ۾ صحافي برادري پاران گزيل سالن ۾ ضلعي انتظاميا جي نئين منتخب ميمبرن جي سکر جي ترقي لاءِ ڪيل ڪوششن کي ساراهيندي حاليہ عوامي سماجي ۽ معاشرتي مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي جنهن کي سياسي نمائندن پڌڻ بعد صحافي برادري سان گڏ آن سمورن مسئلن جي حل لاءِ تمام وسائل ۽ ڪوششون مقرره وقت ۾ حل ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو جڏهن تہ آجپائي ۾ آيل سمورن سياسي مهمانن کي سنڌ جي عظيم ثقافت اجرڪ پارايا ويا ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي ڪائونسل سکرجي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهہ جو چوڻ هو تہ عوام جي تعاون سان ضلعي سکر کي ماڊل ضلعو بڻايو ويندو سيوريج ۽ ڊرينيج سسٽم سميت ٻيا مسئلا جلد حل ڪيا ويندا. هڪ سال کان بعد اوهان کي هن شهر جو نقشو ئي تبديل ڏسڻ ۾ ايندو ان کان علاوه جلد سکر ۽ روهڙي جي درميان درياءِ سنڌ تي چيئر لنڊ جو پڻ آغاز ڪيو ويندو ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪارپوريشن جي ميئر ۽ ٻين ٽائونن جي چيئرمينن وائيس چيئرمينن کي چيو آهي تہ هو پنهجو پلان تيار ڪري اچن تہ ضلع ڪائونسل مان به شيئر ماڻي منصوبي کي ڪامياب بڻايو ويندو ان موقعي تي ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ جو چوڻ هو تہ سکر شهر جي ترقي لاءِ ڪوشان آهن ڪيترائي منصوبا بڻايا ويا آهن جلد انهن جا نتيجا اچڻ شروع ٿي ويندا عوام تعاون ڪري سنڌ حڪومت کان وڌ کان وڌ فنڊ وٺي سکر شهر مثالي ماڊل شهر بڻايو ويندو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل جو چوڻ هو تہ سکر شهر تاريخي شهر آهي ان لاءِ صحافي برادري وڪلا، تاجر، سول سوسائٽي ۽ شهرين سان ملي ڪري شهر جي مقدر کي تبديل ڪري ڇڏيندا سين پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سيڪريٽري فنانس ٽاسٽ جو چوڻ هو تہ ضلعي انتظاميہ ۽ سٽي انتظاميا جتي جتي سلوڪر ڪنديون انهن جي حوصلا افزائي ڪئي ويندي جتي جتي خاميون هونديون اتي قلم ۽ ڪيمرا جي ذريعي نشاندهي ڪئي ويندي اسان سڀني جو مقصد شهر جي ترقي ۽ عوام جي خوشحالي آهي اميد ڪيون ٿا تہ نئين چونڊجي آيل قيادت پنهنجن وڏن جي خدمت کي مزيد بهتر بنائڻ م اهم ڪردار ادا ڪندي جنهن بعد سمورن سياسي سماجي اڳواڻن ٻانهن تي ڪاربون پٽيون بڌي قائد جمهوريت ايشياءِ جي عظيم ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت تي راتاهو هٿڙو حواجتاج ڪيو.

بقايا سنڌيار 15

۽ ٺهور پارو زخمي ٿي پيا اوباروڙ حاضري تي ايل سپيا برادري ۽ ڏهر برادري ۾ سول ڪورٽ جي گيٽ اڳيان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي جو اطلاع ملڻ بعد ڊي ايس پي محمد منل ڪڪراڻي اوباروڙ ٿاڻي جو ايس ايچ او عبدالوحيد پٽر وڏي نفري سان ڪري جهيڙي تي ضابطو آندو ويو آهي اوباروڙ جڏهن تہ جهيڙي ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي پوليس گرفتار ڪري جي اندر ۽ ٻاهر مقرر ڪئي وئي آهي جڏهن تہ جهيڙي جو وڏيڪ خطرو ٻڌايو پيو وڃي.

بقايا سنڌيار 16

دريا خان مري آندو ويو جتي ڪتي ڏاڙهيل زخمين کي اينٽي ريبيز ويڪسين ڪئي وئي شهرين جو چوڻ آهي تہ ٽائون ڪاميٽي دريا خان مري تروڙي يونين ڪائونسل چاناري پانيري انتظاميہ پاران ڪتا مار مهم ۾ هلائڻ ڪري ڪتن جو آزار وڏي ويو آهي هنن اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي ٽائون ڪاميٽي يونين ڪائونسل چاناري پانيري ۾ ڪتا مار مهم هلائي ڪتا ماريا وڃن

بقايا سنڌيار 17

خوري سبب شهر ۾ حددخلين جو آزار وڏي ويو آهي، سکر شهر جي گهنٽا گهر، اسٽيشن روڊ، غريب آباد، مينارا روڊ، نيم جي ڇانهي ۾ ٻين علائقن ۾ اڪثر واپارين دڪانن ٻاهران غير قانوني ريڙهيون ۽ دڪا اڏي ڇڏيا آهن. جنهن سبب آيندڙ ويندڙ ماڻهن کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي تو ان ڏس ۾ شهرين ۾ عوام جي خوشحالي آهي اميد ڪيون ٿا تہ نئين چونڊجي آيل قيادت پنهنجن وڏن جي خدمت کي مزيد بهتر بنائڻ م اهم ڪردار ادا ڪندي جنهن بعد سمورن سياسي سماجي اڳواڻن ٻانهن تي ڪاربون پٽيون بڌي قائد جمهوريت ايشياءِ جي عظيم ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت تي راتاهو هٿڙو حواجتاج ڪيو.

بقايا سنڌيار 18

رات ديرسان نامعلوم چورن دروازا توڙي هوٽل ۾ رڪيل قيمتي يو پي ايس سسٽر، 230 واري بيٽري، 12 وولٽيج وارو چارجر، اسٽيبلائيزر، 32 انچ واري ايل سي ڊي ٽي وي، پاڻي جي موٽر، گيس سلينڊر ۽ دخل ۾ موجود پنج هزار روپيہ روڪ رقم ٻوهاري ويا. اهڙي رپورٽ نٿو پوليس وٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪاب ڪاروائي عمل ۾ اڻي ناهي سگهي، ٻئي طرف ايس ٽي پي اڳواڻ جميل سمون، صاحب ڏنو سمون، پهر سمون، يعقوب سمون، وڏيرو عارب سمون، لقمان سمون ۽ ٻين پاران اهڙي ٽيل چوري واري عمل جي مذمت ڪندي ايس ايس پي نٿو ڪان مطالبو ڪيو اهي تہ فورن نوٽيس وٺي چوري ٽيل سامان واپس ڪرائي چوري ۾ ملوث چورن کي گرفتار ڪري شهرين کي تحفظ مهيا ڪري سندن ملڪيتن جي حفاظت ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 19

ٽي نوجوان جي والد نظام الدين ميمڻ امڙ ۽ گهرواري راحيلا کي هٿياران جي زور تي يرغمال ڪري پستل جي قندافن سان وحشاڻو تشدد ڪري سخت زخمي ڪرڻ بعد 15 ورهين جي نينگري فاطمہ ميمڻ کي سخت تشدد بعد ڪار ۾ سيٽا اغوا ڪري فرار ٿي ويا نينگري جي وارثن حي ڏانهن تي پاڙي وارن ڪين ٻاهر ڪڍي مانجهند ٿاڻي تي اطلاع ڪيو پوليس جي بروقت ناڪاميءَ تہ ڪرائڻ سبب جوابدار نينگري کي آساني سان سيٽيا اغوا ڪري فرار ٿي ويا پوليس عيوضي ۾ جوابدارن جي عزيزن چنگچي ڊرائيور سميت 8 جڻن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو جن مان ٽن جڻن کي ٻاٽ جي سفارش ۾ ڇڏي ڏيل تحت آزاد ڪري ڇڏيو جڏهن باقي 5 جڻن کي واڙيو ويو نينگري جي والد نظام الدين زخمي حالت ۾ ميڊيا کي ٻڌايو جوابدارن اسماعيل ميمڻ عبدالله ميمڻ منير ميمڻ ۽ ٻين کين يرغمال ڪندي پستلن جا بٽ هڻي مرٽينگ ڪير سندس گهرواري ۽ ٽنهن به سخت زخمي ٿي آهي جوابدارن گهر مان روڪ رقم ۽ سونا زيور پڻ کڻي ويا آهن هن مطالبو ڪيو تہ نيائي کي واپس ڪرائي انصاف ڪيرجي پوليس زخمين کي ليٽر ڏئي اسپتال منتقل ڪيو آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل تہ ٿي سگهيو هو جڏهن تہ ذريعن موجب ٻاٽ متاثر ڏر کي گهرائي زور بار ڪرائي راجوڻي تي زور ڏنو پوليس موجب نينگري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ هالا نندو آدم سميت مختلف جڳهين تي ڇاپا هڻي رهيا آهين پر نينگري نہ ملي سگهي آهي مڪيہ جوابدار جي گرفتاري لاءِ حڪمت عملي ترتيب ڏيون پيا

بقايا سنڌيار 20

۾ مڪلي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽيءَ جو چونڊندڙ چيئرمين ۽ ٽئي جي نامور سياسي شخصيت، اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم سيد اعجاز علي شاهہ شيرازي ۽ ٽئي مان چونڊيل ايم پي اي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار سيد رياض علي شيرازي جي سائي ۽ ٽئي جي نامور سياسي خاندان شيرازي گروپ جو نوجوان اڳواڻ ڪامران غني ميمڻ دل جو درد پوڻ سبب اوجتو لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس اين آءِ سي وي ڊي چيسٽ پين يونٽ منتقل ڪيو ويو. جتي ڊاڪٽرن پاران سندس موت ظاهر ڪيو ويڳ هوڏانهن فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. جڏهن تہ شهر ۾ سوڳ جو ماحول پکڙجي ويو. مقتول جو عمر 50 ورهين کان به گهٽ هئي، مقتول جو پيءُ ڪافي عرصو اڳ فوت ٿي ويو هو. جڏهن تہ مقتول پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هو. جڏهن تہ مقتول جي پوئين جو ڪيس داخل تہ ٿي سگهيو هو جڏهن تہ ٻين ٽائنر جي ڊرائيور ۽ ڪلينر کي مجتا طور شيڊ ايوارڊ ڏنو ويو. سيني اعزازي دوستن کي آڻڪا دادو پاران گلن جا هار پڻ پارايا ويا دادو پريس ڪلب جي سينئر صحافي سرور جلال سولنگي تقريب جي خطاب ڪندي چيو تہ مان نهايت ٻي شڪر گذار آهيان آڻڪا وارن جو جن مونکي عزت بخشي ۽ مونکي عوام جي خدمت ڪرڻ تي مجتا سرٽيفيڪيٽ ڏنو. اهو پڻ چيو تہ دادو ۾ پيون به ڪوڙ ساريون تنظيمون آهن پر آڻڪا سڀ کان اول ڪردار ادا ڪري رهي آهي. آڻڪا تنظيم ٺوري عرصي ۾ وڏو مان ماٽيو آهي، آڻڪا چيئرمين لاهوتي منير احمد سيال چيو تہ مان سيني آيل مهمانن جو شڪر گذار آهيان هن نئوڙي تقريب ڪرڻايو جو مقصد آهي تہ جيڪي ڪردار عوام جي لاءِ جستجو ڪن پيا بنا ڪنهن لوڀ جي انهن کي پنهنجي حياتي ۾ ٽي اهڙي اعزاز سان نوازڻ آهي.تقريب ۾ دادو جي بلدرس سياسي سماجي شخصيت اسلام زئورن، زيارت علي زئورن، اسد الله ڏاهري، مسرور هاليپوٽو،صحافي قربان علي ڪوسو، علي گل پنهور، شفيق احمد پنهور ، وسيم عباسي ، سليم اختر پنهور، غلام حيدر پنهور ، ٽيبي بخش سيال ، شاهد علي گريانگ ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 21

پريس ڪانفرنس .. تفصيل موجب جعفري محلي خيرپور جي رهواسين اڪرم عباس جعفري پنهنجي زال مسمات ثاياب جعفري سان گڏجي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ خيرپور جي معزز شخصيت ڊاڪٽر غلام قادر شيخ جو پٽ علي رضا شيخ 2014 ۾ اسان کي دسمگير ڪالوني ، ديهہ لڻمان سروي نمبر 207 مان اپراضي اٽڪل 16 هزار 336 اسڪوائر فٽ پلاٽ 65 لکن ۾ رکرو ڪيو هو. جنهن جي مد ۾ 35 لک روڪ ايڊوانس ۽ 23 لک قسطن ۾ وصول ڪيا آهن جنهن جا ثبوت موجود آهن هنن چيو تہ علي رضا شيخ وڪالت جي زور تي نہ پلاٽ جو قبضو ٿو ڏي تہ پلاٽ جو ڪاتو ٿو ڏي التوحق گهرڻ تان علي رضا شيخ ساٿين سميت اسان کي قتل ڪرائڻ، ڪوڙن ڪيسن ۾ قاسائڻ ۽ سخت نتيجا پوڳهہ جون ڌمڪيون پيو ڏي ، تعارن ڪري سنڌ حڪومت کان وڌ کان وڌ فنڊ وٺي سکر شهر مثالي ماڊل شهر بڻايو ويندو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل جو چوڻ هو تہ سکر شهر تاريخي شهر آهي ان لاءِ صحافي برادري وڪلا، تاجر، سول سوسائٽي ۽ شهرين سان ملي ڪري شهر جي مقدر کي تبديل ڪري ڇڏيندا سين پاڪ